


# سنڌ سورن ۾ -

## ون يونٽ کان ٻه وڌيڪ

رسول بخش انڙ

# سنڌ سورن ۾ –

# ون يونٽ کان ٻه وڏيڪ

## رسول بخش انڙ

ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو
ڊجيٽل ايڊيشن
2017

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڇپائيندڙ: هوشو برادرس، گاڏي کاتو حيدرآباد
قيمت: 7 روپيه
تعداد: هڪ هزار
مهينو: آڪٽوبر 1990ع
ڇپيندڙ: سردار پريس، گاڏي کاتو حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن
ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو
2017

# انتساب

هيءَ ننڍڙي محنت 1983ع ۾ ايم- آر- ڊي تحريڪ دوران سنڌي ماڻهن جي نعرن جي مناس ۾ وهايل ناحق خون جي نالي منسوب ڪيان ٿو.

رسول بخش انڙ

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنڌ سورن ۾ ون يونٽ ڪان ٻه وڌيڪ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ سائين رسول بخش انڙ صاحب آهي. هي ڪتاب 1990ع ۾ ڇپيو.

رسول بخش انڙ لکي ٿو:

”منهنجي خيال ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ اقتصادي ۽ انتظامي محروميون 73ع جي آئين تمام گهٽيون وڌايون آهن ۽ عوام اڳيان نعري بازي جي مقابلي ۾ اڇي تي ڪارو لکي روشن مستقبل جي راهه نروار ڪرڻ ضروري آهي ۽ هن ڪتاب لکڻ جو سبب اهوئي آهي. منهنجي عام گذارش آهي، سنڌ جي سڄڻن کي ته هن ڪتابڙي کي غور سان پڙهي جوابي قلم کڻن ۽ موقعي آهر جڏهن به چاهين ڪنهن به ڪاليج يا يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ مناظري لاءِ مون کي حڪم ڪيو وڃي، پيرين اگهاڙو پهچندس.“

ٿورائتا آهيون شاهنواز سومري صاحب جا، جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ڏانهن ڏياري موڪليو.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست

1- ٻه لفظ 07
2- صوبائي خودمختياريءَ جو پس منظر ۽ 1973ع جو آئين. 09
3- آئين ترميم بابت. 23
4- سنڌي ٻولي بل ۽ آرڊيننس. 34
5- سنڌ سورن ۾- ون يونٽ کان ٻه وڏيڪ. 45

# ٻه لفظ

منهنجي خيال ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ اقتصادي ۽ انتظامي محروميون 73ع جي آئين تمام گهڻيون وڌايون آهن ۽ عوام اڳيان نعري بازي جي مقابلي ۾ اچي تي ڪارو لکي روشن مستقبل جي راهه نروار ڪرڻ ضروري آهي ۽ هن ڪتاب لکڻ جو سبب اهوئي آهي.

هن ڪتاب ۾ چئن مقالن کي ڳنڍيو ويو آهي. "صوبائي خودمختياري جو پس منظر ۽ 73ع جو آئين" 1973ع ۾ لکيل مقالي جو عڪس آهي ۽ 86 آڪٽوبر ۾ ساڳي روپ ۾ شايع ٿيو وري 88 آڪٽوبر ۾ "پيءُ جي پلاند" ۾ آيو. دراصل هن آئين ۾ سنڌ کان انگريز جي غلامي ۾ مليل صوبائي خودمختياري به کسي بي حال ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ سنڌي-اڙدو جهيڙو به 73ع جي آئين ۾ سنڌ ۽ سنڌيءَ بابت لڪل اشارا ذميوار آهن.

ٻيو مقالو "آئين ترميم" سنڌ جي پڙهيل ۽ ڄاڻو ماڻهن سان مخاطب ٿي لکيو آهي. شخصي حاڪميت کان پاسو ڪرڻ ۽ سنڌ کي خطرناڪ بلائن کان بچائڻ جو ڪجهه علاج آهي. جيڪڏهن آئين ترميم جنرل ضياءُالحق جو ڄاڻي ٻجهي بخوشي ڪارنامو آهي ته سنڌ جو عوام جيئن جيئن **نعري بازي جي نشي** مان نڪرندو ويندو ته يقين ضيا- پاترا جو سوچيندو ۽ **نعري بازي جي بيماري ۾** اسان جي سوچن کي وجهندڙن کان نفرت ڪندو.

**سينيٽ** آئين ترميم کان پوءِ قانون سازيءَ جي ميدان ۾ مضبوط آئيني ادارو آهي، جنهن ۾ صوبن کي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي آهي ۽ 73 جي آئين تحت 60 سيڪڙو نمائندگي هڪ صوبي کي ۽ 40 سيڪڙو نمائندگي ٽن صوبن کي. تنهن ڪري حاڪميت اقتدارِ اعليٰ جو تصور پرائيم منسٽر جو چونڊجڻ ۽ ان کي برقرار رکڻ جو دارومدار هڪ صوبي تي هيو.

جنهن جي ذاتي راءِ آهي ته پرائيم منسٽر جي چونڊ ۾ سينيٽ کي به شامل ڪيو وڃي. ٽيون مقالو **”سنڌي ٻولي بل ۽ آرڊيننس“** ٻوليءَ جي ماضي سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي آئيني طور ختم ڪري هوشياريءَ سان احتجاج ۾ شريڪ ٿيندڙ نڳن جو ڪارنامو آهي. هاڻي آئين ۾ ترميم گهرجي. ان لاءِ 158 ميمبرن جي ضرورت آهي.

هن وقت اردو ڳالهائيندڙ 14 ميمبرن سميت صرف 54 ميمبر آهن. ۽ اهڙي ترميم نا ممڪن ڪارنامو ٿيندو. اهڙي طرح چوٿون مقالو ”سنڌ سورن ۾- ون يونٽ کان به وڏيڪ“ مجموعي طور 73 جي آئين ۽ ون يونٽ جو آئيني، انتظامي، اقتصادي ۽ ثقافتي پهلوئن کان جائزو آهي.

منهنجي عام گذارش آهي، سنڌ جي سڄڻن کي ته هن ڪتابڙي کي غور سان پڙهي جوابي قلم کڻن ۽ موقعي آهر جڏهن به چاهين ڪنهن به ڪاليج يا يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ مناظري لاءِ مون کي حڪم ڪيو وڃي، پيرين اگهاڙو پهچندس.

جيئي لطيف جي سنڌ ڙي

**رسول بخش انڙ**

# صوبائي خودمختيا ريءَ جو پس- منظر
# ۽ 1973ع جو آئين.

انگريز سرڪار، سنڌ کي ٻمبئيءَ سان ملائي سنڌ جي ماڻهن کي انتظامي ۽ مالي مسئلن ۾ ڦاسائي رکيو. سنڌ جي عوام خاص ڪري مسلمانن، ٻمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ جي تحريڪ هلائي. ڪِن هِندن مخالفت صرف انهيءَ ڪري ٿي ڪئي ته اها هلچل اڳتي هلي مسلم رياست قائم ڪرڻ جو سبب پيدا ڪندي. حضرت قائد اعظم محمد علي جناح پنهنجي چوڏهن نڪاتي دستاويز ۾ به "**سنڌ صوبو**" بڻائڻ جو مطالبو ڪيو. آخرڪار 1935ع جي ائڪٽ تحت، سنڌ صوبو بڻيو. ڪانگريسي هندن دانهن ڪئي ته اڄ مسلم رياست جي پيڙهه جو پٿر رکجي ويو. سنڌ کي گڏيل هندوستان جي ٻين صوبن جهڙا انتظامي، اقتصادي ۽ ثقافتي حَق ۽ اختيار حاصل ٿيا. سنڌ و سهڻو نقشو وري تيار ٿيو.

1935ع جي ائڪٽ ۾ قانون سازيءَ لاءِ ٻي لسٽون هيون. ٽينءِ لسٽ تحت فقط صوبا قانون جوڙي ٿي سگهيا ۽ مليل اختيارن موجب محصول ۽ ٽئڪس لڳائي پنهنجا انتظامي ترقياتي خرچ پورا ڪري ٿي سگهيا. انڪم ٽئڪس يعني آمدني ٽئڪس تحت وصول ٿيندڙ رقم مان به مرڪز کان حصو حاصل ڪري ٿي سگهيا. وڪرو ٽئڪس مڪمل طور صوبن جي آمدنيءَ جو ذريعو هو. پيٽرول ۽ گئس جي کوهن جي مالڪي ۽ سنڀال ۽ امن و امان ۽ زمين ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ هر شيءِ خزانو صوبي جي ملڪيت هو. ايتري صوبائي خودمختياري، غلاميءَ جي دور واري، اڄوڪي دور ۾ سنڌ کي گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه ارب روپيا آمدني ڏئي ها ۽ پنجاهه هزار سنڌ جا بيروزگار ماڻهو روزگار سان لڳل هجن ها. تعليم تي مڪمل اختيار، ثقافتي اوسر ۾ مددگار ٿئي ٿو، چوته تعليم کي اقتصادي ترقي ۽ ماڻهن جي نشست و برخواست ۽ سوچ و سينگار ۾ وڏي اهميت آهي.

اليڪشن (صوبائي) نج صوبائي معاملو هو. ۽ ايترن سارن حقن ۽ اختيارن جي باوجود حضرت قائد اعظم محمد علي جناح 1935ع جي ائڪٽ تحت مليل خودمختياريءَ تي راضي نه هو. سندس خيال موجب ان ائڪٽ ۾ ڪيترين ڳالهين اعتراض جوڳيون هيون. آڪٽوبر 1938ع ۾ سنڌ مسلم ليگ جي ڪونايل ڪانفرنس ۾ بمقام خالقڏنو هال ڪراچي ڪي خطاب ڪندي قائد اعظم صاحب، سنڌ جي ماڻهن جي اقتصادي، انتظامي ۽ ثقافتي تقاضائن ۽ ضرورتن ڪي نظر ۾ رکندي 1935ع واري ائڪٽ تحت مليل سهوليتن ۽ اختيارن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي هدايت ڪئي بلڪ ٻن سالن گذرڻ بعد ڪُل- هند مسلم ليگ جي تاريخ ساز اجلاس ۾، 23 مارچ 1940ع تي ”قرارداد پاڪستان“ منظور ٿيو. ان ۾ صاف ۽ چِٽن لفظن ۾ چيل آهي:

**”..... ڪل هند مسلم ليگ جي ميڙ جي مناسب راءِ آهي ته جوڙجڪ واري اهڙي ڪابه تجويز، هن ملڪ ۾ هلي نه سگهندي يا مسلمانن لاءِ قابل قبول ٿيندي، جيستائين اها هنن بنيادي اصولن پٽاندڙ نه ناهي ويئي آهي: ته جاگرافيائي لحاظ کان ڳنڍيل علائقن جي حدن ۾ ضرورت مطابق ڦير گير آڻي، اهڙي طرح بڻائجن جو مسلم- اڪثريت وارا علائقا، جيئن هندوستان جي اتر- اولهه ۽ اوڀر وارا پاڱا آزاد ملڪن جي حيثيت وٺن ۽ انهن ۾ گڏجندڙ صوبا با حيثيت ۽ خودمختيار هوندا.“**

## هن قرارداد ۾ ”يونٽ“ جو لفظ استعمال ٿيو آهي ۽ 1930ع جي ائڪٽ ۾ ”يونٽ“ جي معنيٰ ”صوبو“ لکيل آهي.

هن تاريخي قرارداد يا ٺهراءُ منظور ڪرڻ ڪانپوءِ، ليگ جي ڪاروباري ڪميٽي کي اختيار ڏنو ويو ته مستقبل جي مملڪت (پاڪستان) لاءِ اهڙي جوڙجڪ تيار ڪري جنهن موجب صرف پرڏيهي معاملا، بچاءُ ۽ ان سان واسطو رکندڙ مواصلات. سِڪو ۽ ٻين ملڪن کان ايندڙ مال تي ڪسٽم (محصول) جو اختيار مرڪز وٽ هجي. يعني مالي لحاظ کان، مرڪز صرف ڪسٽم جي آمدني وصول ڪري ۽ باقي اختيار مڪمل طور صوبن وٽ رهن. ۽ اهڙي پڪي وچن کان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ مارچ 1943ع ۾ قرارداد پاڪستان جي حمايت ۾ سائين جي ايم سيد جي رِٿ تي ٺهراءُ منظور ڪيو ۽ 1946ع ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو، جڏهن ته پنجاب ۽ بنگال ۾ ورهاڱو ٿيو ۽ سرحد ۾ ”رفرنڊم“ ٿيو ۽ بلوچستان جون رياستون مارچ 1948ع ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيون.

تاريخ شاهد آهي ته مئي 1946ع ۾ گڏيل هندوستان ۾ ڪئبينيٽ پلان تحت اولهه ۾ سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۽ اوڀر ۾ بنگال ۽ آسام جا صوبا ملائي مسلمانن جا ٻه بلاڪ بڻائڻ جي تجويز غور هيٺ آئي هئي ۽ مسلم ليگ، در اصل ان تجويز تحت، **ڪنفيڊرل** هندوستان قائم رکڻ قبول ڪيو. يعني متحده هندوستان، هڪ يونين هوندي ۽ پرڏيهي معاملا، بچاءُ ۽ مواصلات جا کاتا يونين وٽ هجن ۽ گهربل خرچن جي پورائي ڪرڻ لاءِ يونين وٽ، مالي اختيار هجن ۽ ٻيا سڀ کاتا ۽ اختيار صوبن وٽ رهن. ان تجويز تحت، صوبا پنهنجا گروپ ناهي سگهن ها ۽ ان کان وڌيڪ ته يونين/ متحده هندوستان ۽ گروپن جي آئين ۾ اهڙو فقرو به هوندو ته هر صوبو پنهنجي اسيمبليءَ جي اڪثريت واري فيصلي سان، ڏهن سالن جي عرصي گذرڻ بعد، آئين جي شرطن ۾ ڦير ڦار جي گهُر ڪري سگهي. ۽ حضرت قائد اعظم محمد علي جناح 22 مئي 1946ع تي ”**ڪئبينيٽ پلان**“ کي قبول ڪندي،

شملہ مان ڏهن شرطن وارو **”پريس بيان“** جاري ڪيو. ان بيان کي تاريخ ۾ **”مدبراڻو بيان“** سڏيو ويو آهي. انهن شرطن ۾ خاص طور اهو چيل آهي ته:

(1) ڇهه مسلم صوبا- پنجاب، سنڌ، سرحد، بلوچستان، بنگال ۽ آسام پاڪستان گروپ ۾ هوندا ۽ پرڏيهي ڪاتو، بچاءُ ۽ مواصلات (بچاءُ سان واسطيدار) کان سواءِ بيا سڀ ڪاتا صوبن کي سنڀالڻا پوندا.

(4) جڏهن آئين جوڙيندڙ جماعت پاڪستان ۽ صوبن لاءِ آئين جوڙي مڪمل ڪري ته ان کان پوءِ گروپ جي هر صوبي کي حق رهندو ته پنهنجي گروپ کان الڳ ٿيڻ جو فيصلو ڪري. پر ان علحدگي يا ڌار ٿيڻ جي راءِ صوبي جي عوام کان **”رفرنڊم“** جي ذريعي ورتي ويندي.

(10) يونين جي آئين ۾ هڪ اهرو فقرو به هوندو جنهن تحت هر صوبو پنهنجي اسيمبليءَ جي ووٽن سان آئين جي شرطن ۾ نظرثانيءَ جو مطالبو ڪري ۽ اُن کي اهو به حق هوندو شروعاتي ڏهن سالن کان پوءِ ڌار ٿي سگهي.

۽ مذڪوره حقيقتون تحريڪ پاڪستان جو بنياد آهن ۽ بنا ترديد شاهدي ڏين ٿيون ته حضرت قائداعظم رحہ ڇهن مسلم رياستن جي **”ڪنفيڊريشن“** قائم ڪرڻ ٿي گهري.

آزادي ائڪٽ 1947ع تحت گڏيل هندوستان کي ورهائي ٻن آزاد ملڪن کي وجود ۾ آندو ويو ۽ 1935ع جي ائڪٽ ۾ ضروري ترميمون ڪري عارضي طور پاڪستان جو انتظام هلايو ويو. ۽ پڻ ملڪ واسطي آئين جوڙڻ جو ڪم شروع ٿيو. پر ان وقت به لڪل هٿ سازشن ۾ لڳل هئا ۽ انهن چاهيو ٿي ته سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب کي ملائي يڪو يونٽ هڪ صوبو بڻائجي. انهن سازشي تجويزن جي باوجود قائدِ ملت نواب لياقت علي خان جي رهنمائي ۾ اڳواٽيءَ ۾ مستقل آئين لاءِ بنيادي اصولن تي مشتمل ”قرارداد مقاصد“ منظور ٿيو. اهن ۾ انون فقرو چوي ٿو ته **”پاڪستان ۾ شامل يا شامل ٿيندڙ صوبا**

مڪمل با اختيار هوندا.“ نواب لياقت علي خان جي شهادت کان پوءِ ”قرارداد مقاصد“ ۾ طئي ٿيل اصولن تحت 1954ع جو جوڙيل آئيني مسودو گُم ڪري، اولاهين پاڱي وارا صوبا ختم ڪري ”يڪو يونٽ“ ناهي 1956ع جو آئين نافذ ڪيو ويو. ون يونٽ کي ٽُٽڻ کان بچائڻ لاءِ 1958ع ۾ مارشل لا مڙهيو ويو. ويتر 1962ع ۾ صدارتي طرز جو آئين جوڙي ملڪ کي مستقل فوجي آمريت هيٺ آندو ويو. ان آمريت جي خلاف بنگال جي عوام جو اُڀار ۽ اولهه ۾ علائقائي محرومين جي احساس ”ون يونٽ ٽوڙ مهم“ کي زور ورتايو. ”4 مارچ 1967ع“ ۾ ”سنڌيءَ ۾ لسٽون لکو“ تحريڪ به ان جا يادگار آهن. صوبائي حَقن جي تحريڪن کي دٻائڻ خاطر 1969ع ۾ نئون مارشل لا لڳائي بنگال کي ڌار ڪرڻ جي تياري شروع ڪئي. در اصل ون يونٽ ٽوڙڻ کان پوءِ ته بنگال جي موجودگي ننڍن صوبن جي مٿان ون يونٽي آمريت ۽ بالادستي قائم رکڻ ۾ رڪاوٽ سمجهي، گهري سازش سان، ماري موچڙا هٽي دل ڏاريندڙ ڪارروايون ڪري بنگال کي آخرڪار ڌار ڪري، اڻ سڌي طرح ون يونٽ کي قائم رکڻ جو سبب پيدا ڪيو. ون يونٽ دوران پنجاب کي اسيمبليءَ ۾ نمائندگي چاليهه سيڪڙو هئي ۽ باقي ٽن صوبن کي سٺ سيڪڙو. پر آئيني ون يونٽ يعني 1973ع جي آئين ۾ پنجاب کي سٺ سيڪڙو، ۽ باقي ٽن صوبن کي چاليهه سيڪڙو نمائندگي مليل آهي.

حقيقت جو اعتراف ڪري هڪ ڀلي ماڻهوءَ جي احسانن جو ذڪر ڪرڻ اسان جو اخلاقي فرض آهي. اسان کي خبر آهي ته ون يونٽ جي ڪوٽ کي ٽوڙي جنرل محمد يحيٰ خان نئين سنڌ جوڙي ڏني. ون يونٽ دوران پرڏي ٿيل ملازمن کي پنهنجن صوبن ڏانهن موڪلڻ جو حڪم ڪيو ۽ قرارداد پاڪستان تحت طئي ٿيل اصولن کي ذهن ۾ رکي وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمختياريءَ وارو آئين ڏيڻ ٿي گهريو. 17 ڊسمبر 1971ع تي جنرل محمد يحيٰ خان 20 ڊسمبر 1971ع کان نافذ ٿيندڙ آئين جون مکيه ۽ خاص جهلڪيون ٻُڌائڻ واسطي قوم کي خطاب ڪرڻ لاءِ ٽيليويزن اسٽيشن ڏانهن وڃي رهيو هو ته رستي تي جنرل گل حسن ۽ مارشل رحيم هٿان گرفتار ٿيو ۽ نظربند رکيو ويو ۽ اسان پنهنجي محسن جي آخري تقرير،

جنهن ۾ سنڌ جو مستقبل سمايل هو، ٻُڏي ڪونه سگهياسون. جنرل محمد يحيٰ خان جي ان تقرير کي ”هيرالڊ“ مارچ 1974ع ۾ شايع ڪيو ۽ ان جو ترجمو اڳتي قدم جنوري 1975ع ۾ ”يحيٰ جي اڻ ڇپيل غلطي“ جي عنوان سان ڇپيو. اها تقرير فيلڊ مئن جي ڪتاب **”پاڪستان جي پڇاڙي ۽ شروعات“ (The End and beginning of Pakistan)** ۾ ڏني ويئي آهي.

20 ڊسمبر 1972ع کان نافذ ٿيندڙ آئين ۾ جنرل محمد يحيٰ خان جيڪي اضافي مالي اختيار صوبن ئي ڏيئي رهيو هو، اکر به اکر هيٺ ڏجن ٿا:

1- وڪرو ٽئڪس.
2- ايڪسائيز جا سڀ محصول.
3- جائداد جا ٽئڪس.
4- بخشش ٽئڪس.
5- صوبي مان ٻاهر ويندڙ مال تي روانگي محصول.
6- ڪارخانن ۾ ٺهيل مال تي ٽئڪس.
7- قدرتي گيس ۽ تيل واري ٽئڪس.

۽ مرڪز وٽ صرف (1) آمدني ٽئڪس جنهن ۾ ڪارپوريشن ۽ دولت ٽئڪس شامل (2) تماڪ ۽ پيٽرول مان ٺهندڙ شين تي محصول ۽ (3) روانگي محصول کان سواءِ ڪسٽم ڊيوٽي ٿي رهيا وفاقي آمدني ۽ خاص طور تي سنڌ مان وصول ٿيندڙ رقم جو ڪاٿو هڻڻ سان ، اسان جي اڳيان اڻ مِٽ حقيقت سامهون اچي ٿي ته جنرل محمد يحيٰ خان جي تجويز ڪيل آئين تحت سنڌ جي صوبائي حساب ۾ آمدني پنجاهه ارب روپين کان مٿي ٿئي ها. انگريز جي غلاميءَ واري دور ۾ 1935ع جي ائڪٽ تحت مليل مالي صوبائي خودمختياري قرارداد پاڪستان قائد اعظم رحه جو تاريخي 22 مئي 1946ع وارو مدبراڻو بيان، قرارداد مقاصد تحت 1954ع وارو جوڙيل آئيني ڍانچو ۽ جنرل محمد يحيٰ خان جي اڻ ڇپيل غلطيءَ وارو تيار ڪيل آئين موجود هئا. پر اهي ڪهڙا سبب هئا جو 1973ع جي آئين

تحت، تحريڪ پاڪستان ۾ اڳواٽي ڪرڻ ۽ قربانين ڏيڻ جي باوجود ۽ ڪيل سپني واعدن جي خلاف، نه صرف اقتصادي و مالي حَقن کان سنڌ کي محروم رکيو ويو آهي بلڪ مستقل آمريت هيٺ اسان کي غلاميءَ جو طوق ڳچيءَ ۾ وِڌو ويو آهي. ۽ حضور شرميءَ جي به حد آهي جو اڄ تائين اسان ان جو سبب به ڪنهن کان ڪونه ٿا پچون. ويتر 1973ع واري آئين جي تحفظ ۽ بچاءُ ۾ آئين کان بي خبر اڳواڻن جي چوڻ تي سوين قيمتي جانيون قربان ڪيون. هزارين زخمي ٿيا. ڳوٺ تباهه ٿيا. عزتون لُٽيون. ڪوڙا ۽ ڦٽڪا کاڌا ۽ وڏيڪ ڇا نه ٿيو. سڀ سنڌ جا سڄاڻ ماڻهو ڄاڻن ٿا.

موجوده حالتن ۾ 1973ع جي آئين جو مطالعو ڪرڻ اسان لاءِ بيحد ضروري آهي. اُن آئين کي وري وري پڙهون. 1935ع جي ائڪٽ سان ڀيٽائي ڏسون. ون-يونٽ ائڪٽ سان ڀيٽايون. ۽ ان کانپوءِ ئي پنهنجي حيثيت سمجهي سگهنداسون ۽ تحريڪ پاڪستان دوران واعدن موجب وڏيڪ حَقن جي ڳالهه ڪري سگهنداسون. روايتي حضور شرمي ۽ اڻڄاڻائيءَ اسان جا لاهه ڪڍي ڇڏيا آهن. 'نعري بازيءَ' واري سياست سنڌ جي ماڻهن جو الهه تلهه لُٽي ۽ گهر ٻار اجڙ ڪري ڇڏيو آهي. سوچ ضروري آهي، پروڙ ضروري آهي ته جيئن اسان کي بيخبريءَ ۾ ڪو استعمال نه ڪري ورنه وتنداسون اقتصادي اپاهجي ۽ قومي غلاميءَ جا مرثيا ڳائيندا ۽ ماتمي ڏينهن ملهائيندا. تنهنڪري اسان جو فرض آهي ته اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو اسان جا اڳواڻ نعري بازيءَ واري سياست ڪري، ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پاسو ڪن ۽ پنهنجا فرائض باخبريءَ سان پورا ڪرڻ لاءِ سنڌ جي وسيلن ۽ مسئلن تي نظر وجهي، روشن مستقبل جو آسرو ڏين.

سنڌ جا وسيلا زمين، ڪاروبار، ڪارخانا، بندر، بيلا، آمدني، شهر ۽ ڪندر، وسندڙ وستيون ۽ ويڙها، سنڌ جي خوشحال تاريخ ۽ ثقافت جي شاهدي ڏين ٿا. تيل جا کوهه به سنڌ ۾، سامونڊي بندر به سنڌ ۾. پر ڏسڻو آهي ته 1973ع جي آئين ۾ سنڌ جي وسيلن تي سنڌ جي عوام کي ڪيترو حَق ڏنو ويو آهي. ان لاءِ آئين جي آرٽيڪل 15، 27،

۽ آرٽيڪل 143 تحت جوڙيل قانون سازيءَ لسٽن ۾ صوبن کي ڏنل اختيار ۽ آرٽيڪل 160 ۽ 161 کي پڙهڻ گهرجي. آدمشماريءَ جي اُثل ۽ اثرات، نوڪريون، آمدنيءَ جي وسيلن تي حَق جي خبر پوندي ۽ ان ڪانپوءِ پنهنجي اقتصادي ۽ مالي حيثيت جي خبر پوندي.

## آدمشماريءَ جو سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حَقن ۾ دخل

سنڌ جي سياسي جاگرافي ۽ ثقافتي تاريخ تيستائين محفوظ رهندي جيستائين سنڌ ۾ آدمشماريءَ جو توازن قائم رهيو. اقتصادي حَقن سان آدمشماريءَ جو وڏو واسطو آهي. 1947ع ڪانپوءِ سنڌ جي آدمشماريءَ تي هندن جي لڏپلاڻ ۽ ان جي موٽ ۾ هندوستان مان لڏي آيل مسلمانن جو ڪو خاص اثر نه پيو. الٽو شهري زندگيءَ ۾ ٿورو فرق پيدا ٿيو. تنهنڪري سنڌ جي ماڻهن ايڏي انقلاب ۾ انهن کي خوشي سان قبول ڪيو، مهمانيون ڪيون. جيءَ ۾ جاءِ ڏني. پر ون يونٽ نهڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ زمين، ڪارخانن ۾ نوڪري ۽ ڪراچيءَ تائين پنجاب ۽ سرحد مان روزگار لاءِ اڻ مَئي آمد ۽ ڪالوني منصوبا ، فوجي چانوٽي ۽ هزارين ايڪڙ هارين جي زمين چانوٽين ۾ آئي، سنڌ کان ٻاهر جي ماڻهن کي آباد ڪرڻ، فوجي ڪالونين جا منصوبا ۽ ٻهارين جي آمد سنڌ جي ماڻهن کي بيحد پريشان ڪيو آهي. حالانڪ وفاقي لسٽ ۾ پنجين اسم تحت اها مرڪز جي آئيني ذميداري آهي ته هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ڏانهن لڏپلاڻ تي ماڻهن جي مفادن جو خيال رکندي ضروري قانون جوڙي. هي فقرو 1956ع، 1962ع، 1972ع ۾ 1973ع واري آئين ۾ موجود آهي. پر ان تي عمل گهٽ ٿيو آهي ۽ نه مستقبل قريب ۾ ان تي عمل ٿيڻ جي اميد ڏِسجي ٿي. ويتر ون يونٽ دوران سنڌ ۾ حاصل ڪيل ناجائز نوڪريون، ڪوڙن نالن ۾ زمينون، پر زمينن جا ڪيترا اهڙا ڪيس به آهن جو پنجاب انتقال اراضي قانون تحت جن ماڻهن کي پنجاب ۾ هڪ ايڪڙ زمين ملي نٿي سگهي تن کي ڪوڙيي ۽ گڏو ٻئراج ۾ لکين ايڪڙ زمين ڏني ويئي آهي ۽ اهو سڀ ون يونٽ ائڪٽ جي قلم ڏهين جي ڪليل پچڪڙيي هئي. ون يونٽ ٽوڙڻ جو هڪ سبب اهو به هو. ون يونٽ دوران ڊوميسائيل جو قانون تمام سخت هو. اهڙن

سنڌ کان ٻاهر جي ماڻهن کي ڊوميسائيل صرف پنهنجي آبائي صوبي مان حاصل ڪرڻ جو حَق هو. جنرل محمد يحيٰ خان ون يونٽ ٽوڙ ڪمنامي سان گڏ وڌيڪ هدايتون ۽ احڪامات جاري ڪيا ته ون يونٽ دوران پرڏي ٿيل ملازم پنهنجي آبائي صوبي ڏانهن موڪليا ويندا. ان حُڪم تي سنڌ ۾ عمل ڪونه ٿيو. پر ان ڪانپوءِ ڏسڻو آهي ته 1973ع جي آئين ۾ سنڌ جي ماڻهن کي تحفظ آهي يا انهن ناجائز طريقي سان ملازمت ۽ غير قانوني طور لڏي آيل ماڻهن جو تحفظ ٿيل آهي.

آئين جو آرٽيڪل 15- هر صوبي جي هر ماڻهوءَ کي عام اجازت ڏئي ٿو ته: **"هر شهريءَ کي مفاد عامہ خاطر لاڳو ڪيل واجبي بندشن سان پاڪستان ۾ ڪٿي به، گهر ڪرڻ ۽ رهائش اختيار ڪرڻ جو حَق رهندو."** ۽ مٿي ذڪر ڪيل آهي **"هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ڏانهن لڏپلاڻ ۽ رهائش بابت قانون جوڙڻ"** جو اختيار مرڪز وٽ آهي. جڏهن ته سنڌ جي ماڻهن کي اقليت ۾ آڻڻو آهي، تنهنڪري مستقبل قريب ۾ اهڙو قانون منظور ٿيڻ جو امڪان ئي ڪونه آهي. ويتر آرٽيڪل 27 ۾ صوبائي ملازمت لاءِ صوبي ۾ ٽن سالن جي رهائش جو شرط، سنڌ ۾ ڪارخانن، ون يونٽ دوران ملازمتن، ڪچين آبادين، فوجي ڇانوڻين، سنڌ پوليس، خيراتي زمينون، مرڪزي نوڪريون ۽ هاڻي نوري آباد، ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ڪي. ڊي. اي هٿان تيار ڪرايل **"مها ڪراچي ترقياتي منصوبو"** ۽ زرعي ۽ مويشي فارم تيار ٿيڻ سان سنڌ جي ماڻهن جي مڪمل تباهي ۽ بربادي آهي.

1935ع جي ائڪٽ ۾ اهڙو راجائي فقرو ڪونه هو. 1935ع جي ائڪٽ تحت جوڙيل قائدن موجب نوڪري صرف "NATIVE" يعني ڏيهي ماڻهوءَ کي ملندي هئي. 1973ع جي آئين جي ڪوڙي ساک رکڻ ۽ 73 جي آئين تحت زيادتين واري اوگهڙ کي اگهڙيون وجهڻ لاءِ آئين ۾ آندل ترميمن جو بهانو ٿا بڻايون. حالانڪ قانون سازيءَ ۾ مليل مالي صوبائي خودمختياري وارن فقرن ۾ ڪابہ ڦير ڦار ڪونہ ٿي آهي. گورنر سنڌ جي ڪچين آبادين

بابت حڪمن ۽ جناب محمد خان جوڻيجي وزير اعظم جي ڪچين آبادين ۾ رهندڙ ماڻهن کي مالڪاڻه حَق ڏيڻ وارن حڪمن تي اسان ڪوبه اعتراض ڪونه ٿا ڪريون. جڏهن ته ڪچين آبادين هيٺ آيل قيمتي شهري زمين جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ چاليهه ارب روپين جي ٿيندي ۽ پڳڙن مُٺ تي ڏني وڃي ٿي. ويتر اهڙا قبضيدار جيڪي نوي سيڪڙو ٻين صوبن جا آهن، انهن کي جاين جوڙائڻ لاءِ سنڌ جي حصي وارا قرض، بجلي، پاڻي، گهٽيون، ناليون، صفائي، تعليم ۽ صحت تي خرچ سنڌ سرڪار پريندي. سنڌ جي ماڻهن کي مٿي چانوَ لاءِ مَنهُن به ڪونه آهي. تعجب آهي سنڌين جي مزاج جو، جيڪو "ٻه لک ٻهاري نه ڪپن" جي نعري تائين محدود آهن. 1973ع جي آئين جي اوٽ ۾ چاليهه لک ماڻهن کان مٿي ٻين صوبن مان لڏي آيل ماڻهن جي مستقل آباد ڪاريءَ تي نه ڪنهن اعتراض ڪيو ۽ نه احتجاج. سنڌوءَ ڪناري ٻيلن ۾ ڌاڙيلن سان منسوب قهري ڪاروائن مقامي ماڻهن کي پنهنجا ڳوٺ ۽ اجها ڇڏڻ تي مجبور ڪيو آهي. ٻئي طرف ڌاڙلن جا خط ۽ خبرون اخبارن ۾ اچن ٿيون ته عزت ۽ امن جي زندگي گذارڻ لاءِ ڌاڙيل معافيءَ جا طلبگار آهن. سنڌ سرڪار اهڙو اعلان ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. غريب اغوا ٿين ٿا، ڏَن ڏئي موٽن ٿا. هن مهل تائين سرڪار ڌاڙيلن جو خاتمو آڻڻ لاءِ يا ڌاڙيلن کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوبه اثرائتو قدم نه کنيو آهي ۽ نه اهڙين حالتن ۾ اميد رکي سگهجي ٿي. ڌاڙيلن سان فوجي پڳوڙن جي ساٿ ۽ رهنمائيءَ جون خبرون اخبارن ۾ آيون آهن. نواب شاهه، دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ فوج جي موجودگيءَ تي اسان جي ڪن اڳواڻن اعتراض به ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ آخرڪار اهي ٻيلا ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ جي بهاني ناس ڪري زمينون سرمائيدارن ۽ ڪامورن ۾ ورهايون وينديون.

هاڻي ته اکين وارو هر هڪ ماڻهو ڏسي سگهي ٿو ته ڪراچي ۽ ڪوٽڙيءَ جي وچ ۾ آندل تبديلين، جهڙوڪ: ڪچيون آباديون، ڪارخانا، پنجاب، سرحد ۽ ڪشمير کان آيل ويتر افغاني نوري باد، زرعي و مويشي فارم ۽ مها ڪراچي منصوبو ڪاٺوڻ ۽ لاکڙا

ڪوئلن جي کاڻين تائين درياءَ جو ٻيو پاسو نئين صوبي ٺاهڻ جي آگاهي ڪري ٿو. انهن حالتن ۾ هن صدي گذرڻ سان سنڌي ٻولي سنڌ الاجي جي ڪوکن ۾ بند هوندي. ثقافت سان گڏ سنڌ جي سياسي جاگرافي ختم ۽ ”سنڌ صدين جي آئيني ۾“ جي تقريب لاءِ هڪ باب جو اضافو ٿيندو. سنڌي ماڻهو سنڌ جي سياست و اقتصادي زندگيءَ کان ٻاهر، ثقافتي يادگارن جا عجوبا ڏسڻ ۾ ايندا. اهو سڀ ڪجهه 1973ع جي آئين جي روح ۽ منشا مطابق ٿي رهيو آهي.

**(اقتصادي ترقي ۽ مالي وسيلا) ”ڏسو آرٽيڪل 160، 161 ۽ 142 تحت قانون سازيءَ جا اختيار“**

اسان جي ملڪ ۾ آمدني ۽ پيداوار جا مکيه وسيلا آهن: زمين اندر ۽ زمين مٿان خزانو، انڪم ٽئڪس، وڪرو ٽئڪس، ڪارخانن مان تيار ٿيندڙ مال تي ڊيوٽي، پاڪستان ۾ ايندڙ مال تي ڪسٽم، ٻاهر ويندڙ مال تي روانگي محصول، ڪپهه ۽ تماڪ تي ڊيوٽي. تيل جا کوهه، گيس جا کوهه، ڪوئلي جون کاڻيون ۽ ٻي معدنيات، بجليءَ جي پيداوار ۽ چندا. هاڻي ڏسڻو آهي ته غلاميءَ جي دور واري 1935ع جي ائڪٽ، قرارداد پاڪستان، جنرل محمد يحيٰ خان وارو آئين ۽ 1973ع جي آئين تحت سنڌ جي مالي حَقن ۽ حجتن ۾ ڪيڏو فرق آهي. ان جي پيٽاوار تفصيل اوهان جي سُڌ ۽ سهولت لاءِ پيش ڪجي ٿو.

| اِسم جونالو | 1935ع جو ائڪٽ | قرارداد پاڪستان | جنرل يحيٰ خان جو آئين | 1973ع جو آئين |
|---|---|---|---|---|
| 1- ڪسٽم | مرڪزي | مرڪزي | مرڪزي | **مرڪزي** ”هنن محصولن ۽ اجارن مان 75 سيڪڙو وصولي سنڌ مان ٿئي ٿي.“ |
| 2- انڪم دولت ۽ ڪارپوريشن ٽئڪس | مرڪزي | مرڪزي | مرڪزي | مرڪزي = |
| 3- وِڪرو ٽئڪس | صوبائي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي ”اسي سيڪڙو تيل سنڌ مان لڀي ٿو.“ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 4- صوبي مان روانگي مال تي ٽيڪس | مرڪزي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي = |
| 5- ايڪسائيز ڊيوٽي | مرڪزي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي ”نوي سيڪڙو گيس بلوچستان ۾ |
| 6- ڪارخانن مان تيار ٿيندڙ مال تي ڊيوٽي | صوبائي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي ”اهڙا بجلي گهر سرحد ۽ پنجاب ۾ |
| 7- تيل جا کوھ | صوبائي | صوبائي | صوبائي | مرڪزي |
| 8- قدرتي گيس | صوبائي | صوبائي | صوبائي | صوبائي مئي 1977ع ۾ بندش. |
| 9- پاڻيءَ جي دٻاءَ سان پيدا ٿيندڙ بجلي | صوبائي | صوبائي | صوبائي | صوبائي وڌيڪ آمدني سنڌ ۾ 25 ڪروڙ جو سنڌ کي نقصان |
| 10- اسٽيٽ ڊيوٽي | ذڪر ڪونہ | صوبائي | صوبائي | صوبائي حالانڪ بنان ٽيڪس جي ڪاروبار هلي پيو. |
| 11- نشيدار شين، راندين، گهوڙا ڊوڙ سميت جواخانن تي ٽيڪس | صوبائي | صوبائي | صوبائي | صوبائي هاڻي اها آمدني هڪ ارب تائين هجي ها |

مٿين تفصيل مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن 1973ع جي آئين ۾ سنڌ کي 1935ع جي ائڪٽ واري صوبائي خودمختياري ملي ها تہ سنڌ جي سالانہ آمدني ڏھ ارب روپين کان مٿي ٿئي ها. ۽ جيڪڏهن جنرل محمد يحيٰ خان واري ٻئي احسان مان فائدو وٺي سگهجي ها تہ سنڌ جي آمدني پنجيتيھ ارب روپين کان وڌيڪ ٿئي ها. ۽ قرارداد پاڪستان تحت ڪيل وچن واري مالي خودمختياري ملي ها تہ سنڌ جو علائقو دنيا ۾ پنهنجو مثال پاڻ هجي هئا. هاڻي تہ 1973ع جي آئين سان سنڌ مان بہ مرڪز ميڙيو ٿو وڃي. اسي اربن کان مٿي وصولي سنڌ مان بہ (آرٽيڪل 110) موٽ ۾ ٽي ارب روپيا بہ ڪونہ ٿا ملن. اسان جا زياده عقلمند دوست چوندا آهن تہ 1973ع جو آئين چئني صوبن جو متفقہ آئين آهي- انهيءَ ۾ تہ ڪو شڪ ئي نہ آهي، دراصل ڏسڻو آهي تہ آيا سڀني صوبن جي پئداوار جا وسيلا هڪجهڙا آهن؟ ٻين صوبن کي سندن پئداواري وسيلن تي مڪمل حق ۽ اختيار ڏنو ويو آهي. پر سنڌ

جي پئداواري وسيلن تي مرڪز جو قبضو آهي. اسان جي عام زندگيءَ تي بالادستي ٻين صوبن جي! اسان کي پنهنجي اڱواڻ کان پڇڻ گهرجي ته اسان کي حَقن کان ڇو محروم رکيو ويو آهي، جڏهن ته سئي گيس توڙي منگلا ڊيم ۽ تربيلا ڊيم مرڪز جي موڙيءَ مان نهيو. تربيلا ڊيم اربن روپين جي خرچ سان، سنڌ جو پاڻي بند ڪري تيار ڪيو ويو پر آمدنيءَ جو حَق (ڏسو آرٽيڪل 161) انهن صوبن جو آهي جتي اُهي رڻائون موجود آهن. سنڌ جي ماڻهن کي ان ڳالهه تي ڪو اعتراض نه آهي. ڪالاباغ ڊيم جي پنيان به ساڳيا مقصد آهن. ان جي برعڪس، ڪراچي پورٽ، انگريز سرڪار، سنڌ جي خون پسيني مان ناهيو. سنڌ کي ورثي ۾ مليو. پر ڪراچي بندر جي هر قسم جي آمدنيءَ کان سنڌ کي محروم رکيو ويو آهي.

حقيقت ۾ 1973ع جي آئين تحت سنڌ جا ماڻهو احساس محروميءَ کان مٿي غلاميءَ جي اوڙاهه ۾ ڦاسي ويا آهن. آئين تحت جمهوريت جو مطالبو ڪرڻ، غلامي قبول ڪرڻ جي برابر آهي. غلاميءَ جي حد آهي! تيل جا کوهه سنڌ ۾، پر کوهه تي نوڪريءَ کان سنڌ جي ماڻهن کي انڪار. ويتر ان تيل کي اترين صوبن تائين پهچائڻ لاءِ ڪٽائيءَ جو خرچ به سنڌ جا ماڻهو ڀرين! تيل جي قيمت ۾ محصولات شامل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ اندر چار رپين کان پنج رپين جي اندر هڪ لٽر جي قيمت ٿيڻ گهرجي. پر تيل جي ڪٽائيءَ جو جملي خرچ، ٽئڪس ملائڻ کانپوءِ واري قيمت شامل ڪري سراسري قيمت پوڻا 9 رپيا جي لٽر آهي. اسان کان گهٽ ۾ گهٽ چار ارب رپيا، ان تيل کي ٻين صوبن ڏانهن پهچائڻ واري حساب ۾ وصول ڪيا وڃن ٿا. ان جي موٽ ۾ هڪ آنڪ به مرڪز سنڌ کي ڪنهن به روپ ۾ معاوضو موٽائي ڪونه ٿو ڏئي. ٿيڻ ته ائين گهرجي ته آرٽيڪل 160 تحت قومي مالياتي ڪميشن جي معرفت ٻين صوبن کي ملندڙ رقم مان، ايتري رقم سنڌ کي ڏني وڃي، جو ڪٽائيءَ واري اجائي ڇَٽي موٽي ملي.

منهنجي خيال ۾ مجموعي طور 1973ع جي آئين، سنڌ جي ماڻهن سان اُها حالت ڪئي آهي جا "ٻرڙي ٻارڙن سان ڪئي" چئي ويندي آهي. آرٽيڪل 160 تحت مرڪز کان موٽ، امداد، مرڪز جي نوڪرين وارين پگهارن ۽ ٻين خرچن کي صوبائي آمدنيءَ سان ملائي، سنڌ جي ماڻهن تي في ماڻهو 450 رپيا ساليانو خرچ اچي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت بلوچستان ۾ 1225 رپيا، سرحد ۾ 1700 رپيا ۽ پنجاب ۾ 3600 رپيا هڪ ماڻهوءَ تي خرچ اچي ٿو. ويتر مٿي ذڪر ڪيل خرچ جو وڏو حصو سنڌ، سنڌ کان ٻاهر جا ماڻهو کائين ٿا. 1973ع جي آئين تحت اهڙي خوراڪ سنڌ جي ماڻهن سان جيڪا ويڌن ڪري ٿي ان جو اندازو هر باشعور ماڻهو لڳائي سگهي ٿو. هن آئين تحت مليل صوبائي خودمختياري اسان جي حَقن جو تحفظ ڪونہ ٿي ڪري. ان آئين ۾ قرارداد پاڪستان، موجب سڌارو ٿيڻ گهرجي. اسان اهڙن ماڻهن کي، جيڪي، 1973ع جي آئين ۾ مليل صوبائي خودمختياريءَ جي پڙهڻ کانسواءِ حمايت ڪن ٿا، تن کي مجبور ڪيون تہ 1935ع جي ائڪٽ سان پيٽائي پڙهن تہ جيئن پنهنجي ڪيئي تي پڇتائي سنڌ جي عوام جي حَقن حاصل ڪرڻ واري هلچل ۾ حصو وٺي سنڌين کي هن صدي گذرڻ کان اڳي ختم ٿيڻ کان بچايون ۽ ملڪ و ملت جون خدمتون ڪيون.

# انين ترميم بابت رابيل شر (سنڌو) جي، رسول بخش انڙ سان ڳالھ ٻولھ

**سوال: انين ترميم ڇا آهي؟**

**جواب:** سخت آئين ۾ ترميمن جي ضرورت نه پوندي آهي ۽ لچڪيدار آئين ۾ ملڪ جي حالتن مطابق ترميم ڪري سگهجي ٿي. 73ع جي آئين ۾ اٺ ترميمون ٿيون آهن، جڏهن ته مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي چار ساله دور ۾ ست ترميمون ٿيون ۽ انين ترميم جنرل ضياءُ جي مارشل لا دور بعد مسلم ليگ حڪومت ۾ ٿي، ان لاءِ ڪن جو خيال آهي ته انين آئيني ترميم، آئين بنياد اکيڙي ڇڏيا آهن يا جمهوري روح کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، بهرحال هن کي ڇئن پاڱن ۾ ورهائينداسين:

(1) **قرارداد مقاصد کي آئين جو حصو بڻائڻ:-** ڇاڪاڻ ته قرارداد وارا نقطا، آئين جي مهاڳ ۾ لکيل آهن پر عدالتن انهن نقطن کي آئين جو حصو نه مڃيو آهي، ان لاءِ ضروري ٿي پيو ته آئين جي آرٽيڪل طور قرارداد مقاصد کي آئين جو حصو بڻايو وڃي.

(2) **صدر جي متعلق:-** 73ع جي آئين ۾ صدر جي چونڊ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا ميمبر ڪندا هئا ۽ انين ترميم سبب صوبائي اسيمبلين کي به ان ۾ شامل ڪري ووٽ جو حق ڏنو ويو آهي، جيڪا منهنجي خيال ۾ چڱي ڳالھ ٿي آهي، هن ترميم سان صدر هڪ صوبي جي طاقت سان نه ٿو چونڊجي سگهي.

**صدر جا اختيارات:-** منهنجي خيال ۾ هن انين ترميم سان صدر جي اختيارات ۾ اضافو به ٿيو آهي ته ساڳي وقت هن جي اختيارن ۾ ڪمي پڻ آئي آهي، جيئن هن کان اڳ

اسيمبلين کي ٽوڙڻ لاءِ صدر کي کليو اختيار هو. هو پنهنجي مرضيءَ مطابق جڏهن به چاهي اليڪشن جي لاءِ بندوبست ڪري، پر هينئر اهي اختيارات تڏهن استعمال ڪري سگهندو، جڏهن پرائيم منسٽر جي لهڻ کان پوءِ بيو ڪوبه قومي اسيمبليءَ جو ميمبر اڪثريتي دعويٰ نه ڪري سگهي. هو حڪومت ڏاهڻ جي اهل نه هجي يا اهڙيون حالتون پيدا ٿين جو ملڪ جي حڪومت هن آئين مطابق هلي نه سگهي. بهرحال هن وقت صدر پرائيم منسٽر جي منظوريءَ جو محتاج نه آهي. 73 جي آئين تحت جڏهن به اهڙي قسم جو حڪم يا آرڊر ڪرڻ لاءِ پرائيم منسٽر جي تصديق ٿيڻ لازمي هجي، هن ترميم تحت پرائيم منسٽر جو صرف اهو ئي پاور کسيو ويو آهي جيڪو پنهنجي جاءِ تي ڪنهن به صورت ۾ مناسب نه هيو، ڇوته صدر چونڊجي ٿو ڇئني صوبن جي مرڪزي ۽ صوبائي ميمبرن جي ووٽ سان ۽ اهو محتاج رهي هڪ صوبي يا هڪ هائوس جي ليڊر جي تصديق جو، يعني **صدر** جي مثال **صدري** ڪنهن به ملڪ جي آئين ۾ نه آهي. چونڊيل صدر کي پرائيم منسٽر جي هائوڪار جو پابند ڪيو ويو آهي. 1977ع ۾ صدر جي وس ۾ هجي ها ته مارشل لا ڪونه لڳي ها. ان کان وڌيڪ وزير اعظم جي چونڊ حيثيت ۽ ڪرسي قائم رکڻ جو صرف دارومدار هڪ صوبي تي هيو.

قومي اسيمبليءَ جا 237 ميمبر آهن ته پرائيم منسٽر جي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ 119 ميمبرن جي حمايت ضروري آهي ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا جملي ميمبر 101 آهن، جڏهن ته پنجاب جا 136 ميمبر آهن، ته هن آئين تحت حڪومت ڏاهڻ جو اختيار اڪيلي سر هڪ صوبي ڏانهن وڃي ٿو، ته اهڙين حالتن ۾ پرائيم منسٽر جي حيثيت ۾ اختيارن جو استعمال جو دارو مدار هڪ صوبي تي ٿيندو، تنهن ڪري منهنجي سوچ مطابق انين ترميم ذريعي صدر جي اختيارن کي واضح ڪرڻ سان آئين جي خوبي وَڌي آهي.

**(3) سينيٽ جا اختيارات:-** (1) بنيادي طور سينيٽ ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ اهو فرق آهي تہ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر هڪ علائقي جي حصي تي مشتمل هوندو آهي، جيڪو صرف هڪ ٻن يا ٽن تعلقن جي نمائندگي ڪري سگهي ٿو. پر سينيٽ سڄي ساري صوبي جي نمائندگي ڪري ٿي. بنيادي طرح برابريءَ جي بنياد تي اليڪشن تحت 73ع جي آئين ۽ ان جي ڍانچي ۾ هر هڪ صوبي مان 14 سينيٽر ۽ قبائلي علائقن مان 5 سينيٽر ۽ وفاق جا 2 سينيٽر هئا جنهن سان ميمبرن جو ڪل تعداد 62 هو پر هن انين ترميم سان سينيٽ ۾ ڪل ميمبر 87 آهن ۽ هر صوبي جا اوڻويهہ قبائلي علائقن جا اٺ ۽ اسلام آباد مان ٽي ميمبر آهن. هن سينيٽ جي ڍانچي ۾ ميمبرن جي واڌ جو فائدو بہ ننڍن صوبن کي ٿيو جيڪا هڪ سني ڳالهہ ٿي آهي.

(2) سينيٽ کي قانون سازي جي عمل ۾ محدود اختيار هو. پهرين ڳالهہ تہ قانون سازيءَ جي پهرين لسٽ جي پهرين ڀاڱي جيڪو اسان جي قانون سازيءَ جي ميدان ۾ وڌيڪ اهم آهي، ان متعلق ڪوبہ بل پاس ڪرڻ جو اختيار نہ هو ۽ اهو صرف قومي اسيمبلي پاس ڪري سينيٽ کي موڪليندي هئي ۽ جيڪڏهن سينيٽ اختلاف رکي اهو بل ناپاس ڪري ٿي تہ اهو بل واپس قومي اسيمبلي ۾ ويندو هو، پوءِ جيڪڏهن قومي اسيمبلي اهو ساڳيو بل ڪنهن ڦيرڦار سان پاس ڪيو تہ پوءِ سينيٽ کي نہ ويندو. ان فقري سينيٽ جي اهميت کي مڪمل طور گهٽائي ڇڏيو هو. هينئر سينيٽ کي اختيار آهي تہ آئين ۾ ترميم کان وٺي ڪنهن بہ مرڪزي اختيار واري ائٽم تي بل سينيٽ ۾ پيش ڪري منظور ڪري ۽ قومي اسيمبليءَ کي موڪلي. ان کان علاوه جيڪڏهن قومي اسيمبلي جي بل تي سينيٽ اعتراض يا اختلاف رکي نامنظور ڪري ٿو تہ اهو بل صدر جي اجازت سان گڏيل اجلاس ۾ پيش ٿيندو، ساڳي نموني سينيٽ جو پاس ڪيل بل جيڪڏهن قومي اسيمبلي ناپاس ٿي ڪري تہ اهو گڏيل اجلاس ۾ وڃي سگهي ٿو. هن حالت ۾ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جي جملي ميمبرن جو جائزو وٺبو تہ ٽن ننڍن صوبن کي گڏيل هائوس ۾

قدرن اڪثريت ٿي ملي، چوتہ پنجاب جا 136 قومي اسيمبلي ۽ 22 اسلام آباد سميت سينيٽر جيڪي ٽوٽل 158 ٿيا، ان جي بر عڪس ٽن صوبن کي 101 قومي اسيمبلي ۽ 65 سينيٽر جيڪي 166 ٿيا، ان حساب سان ڪوبہ هڪ صوبو بالادستيءَ جي دعوا ڪري نہ سگهندو، جنهن سان سنڌ، بلوچستان يا سرحد کي اڪيلي طور يا گڏيل طور ڪو نقصان پهچي، خاص طرح هن وقت ڪالاباغ ڊيم جو شوشو، بوچار، اشتهار ۽ اهميت تي بحث ٿي رهيا آهن (جيڪڏهن انين ترميم نہ هجي ها تہ ڪالاباغ ڊيم ايڪٽ پاس ٿي وڃي ها) ۽ اسان ماڻهن کي ڪوبہ آئيني لحاظ کان تحفظ مليل نہ هو.

(4) **نوڪرين جي ڪوٽا**:- جيستائين ڪوٽا جو مسئلو آهي تہ اها خيرات نہ بنيادي حَق ۽ فرائض جي حيثيت ۾ مرڪزي حڪومت تي مڙهيل آهي. 1956ع جو آئين يا 62ع جي آئين تحت هر علائقي کي پندرهن سالن اندر سندن آدم شماري موجب نوڪرين ۾ حصو ملڻو هو، ان لاءِ 1965ع کان 1975ع تائين ڏهن سالن جي مُدي لاءِ بنگال کي آدم شماري موجب نوڪرين جو سٺ سيڪڙو ڏنو ويو، باقي چاليهہ سيڪڙي ۾ ويسٽ پاڪستان جا علائقا شامل هئا. نتيجي طور بنگالي ستر تائين نوڪرين ۾ گهٽي پاڳي اچي ويا، سيڪريٽريٽ توڙي سي ايس پي ۾ بنگالي عام جام ٿي نظر آيا ۽ هنن کي پاڪستان مان ڌار ڪرڻ جو اهو بہ سبب هو، چو تہ بجيٽ جو هڪ وڏو حصو هاڻي بنگالين جي پيٽ ۾ وڃي رهيو هو. 73ع جي آئين ۾ اهڙو ئي فقرو ورجايو ويو تہ ڏهن سالن اندر مرڪزي حڪومت اهڙا اُپاءَ وٺندي جو هر صوبي کي آدم شماري موجب مرڪزي نوڪرين ۾ حصو ملي. ڀٽي صاحب جي دور جا آئين تحت چار سال خير خوبيءَ سان **ڏٽن ۽ نعرن** ۾ نڪري ويا ۽ ضياءَ جا ڇهہ سال **ڦٽڪن ۽ ڪوڙن** ۾ پورا ٿيا. سنڌ جي ماڻهن کي سندن آدم شماري جيڪا 22 سيڪڙو جي برابر آهي، ان مطابق نوڪرين جو حصو نہ مليو ۽ نہ ئي اهڙو ڪو عارضي قانون پاس ٿيو بلڪ مسلم ليگ حڪومت انين آئيني ترميم تحت اُن اسان جي بنيادي حَق کي 92ع تائين وڌائي ڇڏيو پر اهڙو قانون يا ڪو پاليسي فيصلو ڪونہ

ڪيو. هاڻي به سنڌ جي ماڻهن کي 23 سيڪڙو حق ڏيڻ لاءِ محترمه بي نظير ڀٽو کي سونهري موقعو آهي ته هر کاتي، محڪمي، ڪارپوريشن، ريلوي، واپڊا، آئل اينڊ گيس ڪارپوريشن، پي آءِ اي، بئنڪنگ، ڪسٽم، سيڪريٽريٽ ۽ ايف آءِ اي وغيره ۾ 22 سيڪڙو نوڪرين ڏيڻ لاءِ انهن کاتن مان انگ اکر گهرائي ڪئبينيٽ جي فيصلي سان جامع پاليسي اختيار ڪري 92 تائين حد مقرر ڪري ڏئي. هي مسئلو اخلاقي به آهي ته قانوني به. هوئن به سنڌ جي ماڻهن محترمه بي نظير ڀٽو کي سؤ سيڪڙو ڪامياب ڪيو آهي. قانون جي آئيني قوت به واضح لفظن ۾ آرٽيڪل 27 ۾ اهو ڄاڻائي ٿي. هن آرٽيڪل جي ترميم پڻ سينيٽ جي اختيارن وانگر ننڍن صوبن لاءِ تمام اهم آهي، جنهن جي عمر هاڻي ڏهن سالن بجاءِ ويهه سال ٿيل آهي.

(5) **ضياء مارشل لا:**- آرٽيڪل 270 الف ۾ مارشل لا کي قانوني ڍَڪ ۽ تحفظ رسيل آهي. آرٽيڪل 270 الف کان اڳ ۾ 73ع جو آئين مارشل لا متعلق ڇا ٿو چوي؟ تنهن جو جائزو به وٺڻ گهرجي. مارشل لا شلوار قميص وارو يا لانگ بوٽ ۽ وردي وارو. مارشل لا سِول هجي يا فوجي پر اُن کي ڪاري ڪپڙي وانگر ڪارو ئي ڇئبو نه ڪي ڳاڙهو.

(2) يحيٰ خان جي مارشل لا ۽ ڀُٽي جي مارشل لا خلاف سپريم ڪورٽ جو فيصلو اسميٰ جيلاني ڪيس ۾ موجود آهي پر تڏهن به آرٽيڪل 169 تحت ڀٽي صاحب جو ڪجهه "**سونهري وقت**" مارشل لا جي ضد ۾ اچي ٿو پر ان کي قانوني ڍَڪ مليو ۽ آرٽيڪل 270 تحت يحيٰ خان جي مارشل لا کي ڍَڪ مليو. 73ع جي آئين تحت وڌيڪ جڏهن فوجين کي سٺين ترميم هيٺ عدالتن جي احڪامات کان مستشنيٰ قرار ڏنو ويو. ان لاءِ چئجي ته سٺين ترميم مارشل لا جو دروازو کُليل ڇڏيو آهي، تنهن ڪري آئين جي مذڪوره فقرن کي پڙهندڙ ماڻهو مارشل لا لڳڻ کي معيوب يا عيبدار نه چوندو.

(2) ڀٽي صاحب جي وقت ۾ ڪچي بنياد تي جيڪي سنڌي ملازم ڪنيا ويا تن کي مارشل لا آرڊر 55 تحت پڪو ڪيو ويو. اي سي ۽ ڊي ايس پي يا لوڪل ڪائونسلن

جا چيف آفيسر جيڪي 400 کن ٿيندا تن کي پڪو ڪيو. ان کان علاوه جنرل ضياءَ صاحب جي عوامي اختيارن سان هزارين پڪين نوڪرين وارن سنڌي ملازمن کي ڪڍيو هو. (2) مارشل لا آرڊر 23 تحت تقريبن 60 سيڪڙو ملازمن کي ستن سالن کانپوءِ نوڪريءَ ۾ کنيو ويو. ان کان علاوه اقتصادي ميدان ۾ ڪجهه ٻ سارين جا ڪارخانا جيڪي تقريبن ٽي هزار کن هيا، اهي ڀٽي صاحب 1975ع ۾ کسي قومي ملڪيت ۾ آندا، انهن کي پڻ مارشل لا آرڊرس تحت واپس ڪيو ويو، جنهن سان سنڌين جو پلو ٿيو.

(4) مسٽر ڀٽو صاحب جي عوامي سڌارن در اصل سنڌ جي عوام کي انتظامي توڙي اقتصادي طور تباهه ڪري ڇڏيو هو. ڪارخانن جي واپس ٿيڻ سان، سنڌي ماڻهن اقتصادي ميدان ۾ نئين سِر پير کوڙڻ شروع ڪيو آهي، ساڳئي طرح نوڪرين ۾ حجت سان 92ع تائين ڪوٽا پوري ٿيڻ سان گهٽا سُور لهي ويندا پر جيڪڏهن بنا سوچ ۽ ويچار جي ”ضياءِ شوشو“ بنياد بڻائي انهن ترميم کي ختم ڪيو ويو تہ سنڌ جي ماڻهن لاءِ انيڪ مسئلا پيدا ٿيندا. مارشل لا جي خدشن کان ملڪ کي پاڪ رکڻ خاطر محترمہ بي نظير ڀٽو کي عملي قدم کڻڻ گهرجن. فوج کي ”قومي فوج“ بڻائڻ لاءِ فوجي نوڪري کي آئين جي آرٽيڪل 27 تحت رکيو وڃي ۽ آدم شماري جي نسبت سان هر صوبي جي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو وڃي. موجوده اسيمبليءَ کان نئون ترميمي بل پاس ڪرائي ستين ترميم واپس وٺڻ سان سخت لفظن وارو منع ڪندڙ فقرو شامل ڪيو وڃي تہ بچاءُ ٿيندو ورنہ بيگم ڀٽو ڪيس نظريہ ضرورت جي نقطي کي سامهون رکي ڪنهن بہ وقت مارشل لا لڳڻ جو خطرو رهندو. تنهن ڪري جنرل ضياءَ جي مارشل لا کي ميٽا ڏيئي ۽ اهو بہ جمهوريت خاطر مسلم ليگ وڏو ڏوهه جو ڪم نہ ڪيو آهي، جيئن قرارداد پاڪستان سياسي فيصلن ۾ قومي حَقن جي ضمانت جي تاريخ ۾ ”هڪ شاهڪار“ آهي تيئن انهن ترميم آئين ۾ ”مُنڊيءَ تي ٽِڪ“ وانگر پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. سياسي ڪرسي عوام جي امانت آهي ۽

نه ذاتي نَث لاءِ عهدو. انهن ترميم سنڌ کي ٿورو سهارو ڏئي ٿي پر نعري بازي جي هيروئن پياري سنڌي ابوجهه کان سوچ کسڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي.

**سوال: انهن آئيني ترميم جي خاتمي سان ڪهڙا مسئلا پيدا ٿيندا ؟**

**جواب:** انهن ترميم جي رد ٿيڻ سان خاص طرح سان سينيٽ جي اختيارن جي گهٽجڻ سان اسان قانون سازي جي ميدان ۾ هڪ وڏي صوبي جي رحم ڪرم تي هلنداسين ۽ ڪالاباغ ڊيم بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ٺهي ويندو. ان بعد ڪوٽا جو حَق هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو. اسان نوڪرين جي ڪابه حُجت ڪري نه سگهنداسين. تنهن کان پوءِ اهي هزارين ماڻهو جيڪي مارشل لا ريگيوليشن تحت واپس ٿيا، اهي دربدر ٿي ويندا. ڪيهه ۽ سارين وارا ڪارخانا به ان قانون جي ضد ۾ اچي ويندا، جنهن جو مجموعي طور سنڌ کي وڏو نقصان ٿيندو.

**سوال: هن وقت ملڪ جن آئيني مونجهارن ۾ ڦاٿل آهي، اُن بابت ڪجهه ٻڌائيندا ؟**

**جواب:** ان کي آئيني مونجهارا نه پر ان کي آئيني بي بسي چئجي. بنيادي طرح پاڪستان گهڻ قومي ملڪ آهي. قرارداد پاڪستان تي جيڪڏهن عمل ٿئي ته ڪنهن به مونجهاري جو خدشو نه رهندو نه گنجائش. 35ع جي ائڪٽ تحت انگريزن جي غلاميءَ ۾ سنڌ کي جيڪي مالي حَق مليا، مثلاً سياسي، ٽيڪس ۽ آئل اينڊ گئس فيلڊ جي آمدني توڙي ملازمتن ۾ صوبائي ماڻهو هئا جن سان سنڌ کي اجوڪن حالتن ۾ 30 ارب روپيا نجي آمدني ٿئي ها، جنهن کان 73ع جي آئين اسان کي محروم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ون يونٽ ٺهڻ سان يحيٰ خان احڪامات ڪڍيا ته 54ع کان پوءِ ملازمتن ۾ ڀرتي ڪيل ماڻهو پنهنجن صوبن ڏي ويندا. بلوچستان ۽ سرحد جي حڪومتن انهن احڪامن کي عملي جامو پارايو پر سنڌ ۾ ٻين صوبن جا ماڻهو رهجي ويا. ڀٽي صاحب جي دور ۾ اِئين عام ٿيو. سنڌ سرڪار ڀرتي ڪاميٽي ٺاهي، خاص طور پوليس کاتي ۾ پنجاب مان ڀرتي ڪئي. اهو الزام نه پر رڪارڊ ٻڌائيندو ۽ مارشل لا ته هيوئي، ماشاءَالله اهي ملازمتون سنڌ جي ماڻهن جي حَقن

جي خلاف بي قاعدي ڏنيون ويون آهن. توڙي آرٽيڪل 275 تي بہ عمل نہ ڪيو ويو، حالانڪ محترمہ بي نظير ڀٽو جي اختيارن ۾ اهڙي ڪا بہ رڪاوٽ نہ آهي، پر چاڪاڻ تہ هڪ صوبي جي بالادستي تي رڪاوٽ ٿي پيدا ٿئي تنهنجي ڪري هي موجهارو محسوس ڪيو وڃي ٿو. حالانڪ قانوني لحاظ کان هڪڙي ننڍي پني تي آرڊر ڪرڻ سان مسئلو حل ٿي ويندو. ان کان وڌي آئين ۾ ماڻهن جي لڏ پلاڻ متعلق بندش وجهڻ جو اختيار مرڪز وٽ آهي، جيڪڏهن اهڙو قانون جوڙيو وڃي بلڪ جوڙڻ گهرجي تہ سنڌ ۾ غير ضروري لڏ پلاڻ ۾ آدم جي پيهہ گهٽ ٿي ويندي، چاڪاڻ جو اڻ مئي آدم شماري ۾ واڌ سنڌ ۾ انيڪ مسئلا پيدا ڪيا آهن، ان جو سڄو سارو خرچ سنڌ گورنمينٽ کي ڀرڻو ٿو پوي. ان کان وڌيڪ سنڌ جي ماڻهن جي اقتصادي حَقن تي اڻ سڌي طرح اهو وڏو ڌاڙو آهي. عوامي حڪومت ۾ سڀ ڪنهن جون نہ صرف اکيون بلڪ اميدون بہ وابستہ آهن. خدا ڪري شل چڱو رستو هٿ اچين.

**سوال: آخرڪار مارچ ۾ وزيراعظم تي اسيمبلي کان اعتماد جو ووٽ ونڻو پوندو؟**

جواب: جيستائين پرائيم منسٽر جي مقدر جو مسئلو آهي تہ اهو صرف انين ترميم جي ڪري ٿيو آهي، ورنہ اليڪشن ٿئي ها ۽ ان لاءِ ڪا بہ اڳڪٿي نہ ٿي ڪري سگهجي، رهيو اعتماد جو مسئلو تہ اهو بہ انين ترميم تحت ٿي چڪو، ان کان بعد بي اعتمادي ٿي سگهي ٿي. منهنجي خيال ۾ نئين اعتماد جي ضرورت ان ڪري نہ پوندي جو انهي ساڳئي هائوس اعتماد جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي.

**سوال: سنڌ جي موجوده حالتن تي ڪجهہ نظر وجهو؟**

**جواب:** سنڌ جون موجوده حالتون نہ تہ ڏکيون آهن نہ ئي ايتريون خراب ٿيون آهن. هڪ گهر ۾ بہ منڪا بہ پيا ٺهڪندا آهن، بہ پائر تہ هڪٻئي تي اُلرون ڪندا آهن. تنهنڪري سنڌ ۾ ٿيندڙ اهي ننڍا هنگاما اقتصادي محرومين ڪري ٿين ٿا چاڪاڻ جو 73ع جي آئين تحت سنڌ جي هر شيءِ جو وارث مرڪز کي ڪيو ويو آهي جتي بالادستي اچا تائين

ٻنجاب صوبي کي آهي جنهن ڪري اسان وٽ ٻُڪ جا چَڪ لڳندا رهندا. تنهن کان پوءِ ٻوليءَ جو مسئلو، اهو به 73ع جي آئين وجايو ۽ هاڻي اسان پيا روز ٻولي ٻولي ڳايون، اسان کان اهو ڪونه ٿو پڇي ته آئين ناهيندڙن کان پڇون ته اهڙي زيادتي سنڌ سان ڇو ڪئي وئي؟ اردو ٻوليءَ کي قومي ٻولي پي پي گورنمينٽ بڻايو پر اسان جا نا عاقبت انديش ماڻهو ڏوهه اردو وارن کي ڏيندا آهن، جيڪو غلط آهي.

سنڌ جون زمينون ٻاهرين ۽ ڪامورن کي ڏنيون ويون آهن حالانڪ پنجاب انتقال ايراضي قانون تحت هر پنجابي پنهنجي ضلعي ۾ زمين جو حَقدار نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين جو ان ضلعي جو ڪليڪٽر ان کي زمين جي وابستگي جي اهڙي تصديق نه ڪري. بلڪ هتي سنڌ ۾ لُٽ جي مال طور زمين ورهائي ڏني ويئي آهي ۽ ان کي زرعي اصلاحات جي قانون کان پري رکيو ويو آهي. مثال طور ملازم طبقو سؤ ايڪڙن کان وڌيڪ زمين نٿو رکي سگهي پر فوج سان اهو قانون نه لاڳو آهي. حالانڪ انهن سان به اهو قانون لاڳو ٿيڻ کپي ۽ پڻ انهن سيني کان زمين بنا معاوضي کسي وڃي جن انگريزن لاءِ قربانيون ڏنيون، در اصل اهي اڻ وڻندڙ ڳالهيون هڪ اک سان نه ڏسڻ جو تحفو آهن. سنڌو درياءَ جي ٻنهي پاسن واري زمين اسان جي اصلي حاڪمن جي اک ۾ آهي ۽ اهي ٿا ماڻهن کي استعمال ڪن. اهڙين ڳالهين جون ڪيترين ئي شاهديون موجود آهن. جيڪڏهن اسان جي وزير اعظم صاحبه ذاڙيلن کي عام معافي ڏئي عدالتي تحقيقات ڪرائي ان مسئلي جي مڙني پهلوئن جي جانچ ڪرائي ته اهو مسئلو ختم ٿي ويندو.شهرن ۾ ان جا سبب بيروزگاري ۽ ان کان وڌيڪ ڪچيون آباديون ۽ ٻين ملڪن کان پڳل تڙيل ماڻهن جون حرڪتون آهن. جيڪڏهن قانون مطابق ڪارروائي ڪري سنڌ مان اهڙن ماڻهن کي نروار ڪري ٻاهر ڪڍيو وڃي ته چڱي ناپر ٿي ويندي. ڪچي آبادي ان کي سڏيو ٿو وڃي، جنهن ڏاڍ مڙسي ڪري سرڪاري زمين تي ناجائز قبضو ڪيو، وري اهڙن ماڻهن تي ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ انهن کي اسڪول، هيلٿ سينٽر، ڊرينيج نالين، پاڻي، بجلي ۽ نوڪريون سنڌ جي ماڻهن جي

ڪوٺا مان ڏنيون پيون وڃن. حالانڪ پ پ جي دور 1975ع ۾ هڪ سنو قانون پاس ٿيو هو. سنڌ ۾ ناجائز قبضا هٽائڻ وارو قانون 1975ع. ان تي عمل ڪرڻ سان اربين روپين جي زمين جيڪا ڪچين آبادين هيٺ آئي آهي اها بچي وڃي ها ۽ ايترا اڻ ڳڻيا ۽ نه ڪُٿندڙ مسئلا به پيدا نه ٿين ها. پر اجا ته ضياءَ گورنمينٽ ۽ بي نظير صاحبه جي حڪومت ۾ ڪو خاص فرق محسوس نه ٿيو آهي. ڪچي آبادي آرڊر مارشل لا جي باقيات آهي جنهن تي سنڌ حڪومت فخر ڪري رهي آهي.

پاڻيءَ جو وڏو مسئلو به ايڏو وڏو پوائنٽو ناهي ڇوته 45ع وارو معاهدو به رڪارڊ تي آهي ۽ اهو معاهدو انگريزن جي دور ۾ هاءِ ڪورٽ جي جج صاحب لکيو. پنجاب جو موقف به بحث هيٺ آيل آهي. ان کان سواءِ 76ع ۾ فضل اڪبر جي رپورٽ به موجود آهي. تنهن ڪري ان مسئلي تي ايڏيون رنجشون پيدا ٿيڻ نه گهرجن صرف جائز احڪامات ڪڍيا وڃن.

**سوال: پارنهن سالن جي مارشل لا بعد ملڪ ۾ چونڊيل حڪومت جو قيام عمل ۾ آيو آهي، پڌايو ته اها عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪيتري دلچسپي وٺي رهي آهي؟**

**جواب:** مان ان کي پارنهن سالن کان پوءِ نه چوندس. پارنهن سالن ۾ به دور گذريا آهن. (1) نِج مارشل لا، جيڪو جنرل ضياءَ جي حاڪميت ۾ هو ۽ انهيءَ دور کي مارشل لا چوڻ مناسب آهي. (2) ننڍڙو دور تقريبن ٽي سال محمد خان جوڻيجي جي وزارت عظميٰ ۾ رکيو ويو جنهن ۾ ضياءُ الحق صدر به هو ته آرمي جو ڪمانڊر ان چيف به هو. اهو دور پنهنجي جاءِ تي جمهوري هو. مارشل لا جو دور ڪنهن به صورت ۾ چڱو نه ٿو چئي سگهجي. مارشل لا جي دور ۾ عدالتن جا اختيارات محدود رهن ٿا، عوامي ميڙ يا آزاد تحرير، جلسا ۽ جلوس ممنوع رهن ٿا پر محمد خان جوڻيجي جي وقت ۾ جيڪي آزاديون مليون، ان جو ثبوت اسان جي محترمه بي نظير ڀٽو جي ڊرامائي آمد کان پوءِ لاهور کان شروع ٿي حيدرآباد جي جلسي تائين اهڙا وڏا هجوم، تلخ ڪلامي، سخت ڪلامي، واقعات تي

بحث، اخبارن کي ڪُلي چٽي. اهو سڀ محمد خان جوڻيجي جي حڪومت ۾ ٿيو. حالانڪ ِهن وقت اهڙي ڪُلي اجازت ڪونهي. خاص ڪري نٽي واري صحافيءَ جي گرفتاري کان پوءِ ماڻهو شڪ محسوس ڪن ٿا، ماڻهن جو ذهني مونجهارو ضياءَ جي موجودگي محسوس ڪري ٿو. حالانڪ انتظامي، اقتصادي يا ثقافتي ميدان ۾ ڪا به اهڙي تبديلي نه ٿي آهي، پر هڪ ماڻهو جي پردي تان هٽڻ جي ڪري ماڻهن پنهنجي ڪاميابي محسوس ڪئي. حالانڪ بنيادي ڳالهه آهي ته مارشل لا کي هٽائڻ جو سبب ڪنهن پيدا ڪيو ۽ تنهن جو سهرو صرف محمد خان جوڻيجي جي حڪومت کي ڏيڻو پوندو. رهيو مسئلن جو حل، ته مسئلن جو واسطو وسيلن سان ٿئي ٿو. مثلاً، ماڻهن جا روزگار، تعليم، صحت، رستا، پاڻيءَ جا مسئلا وغيره. انهن سڀني مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ وسيلن جو هجڻ لازمي آهي. ائين ڪٿي چئجي ته جيترا وسيلا هوندا ماڻهن جا مسئلا به اوترا حل ٿيندا پوءِ ڪٿي حڪومت مارشل لا واري هجي يا جمهوري.

**سوال: سنڌ قومي اتحاد تي ڪجهه ڳالهايو؟**

**جواب:** سنڌ قومي اتحاد جو پروگرام ڪنهن جي به خلاف ڪونهي، اهو صرف قانوني لحاظ سان سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ جنهن تيزيءَ سان اتحاد جو پروگرام هر هنڌ پهچي رهيو آهي ته منهنجي خيال ۾ اهو اتحاد پنهنجي منزل ضرور ماڻيندو.

# سنڌي ٻوليِ بِل ۽ آرڊيننس

**سنڌي ٻوليءَ** جي بڻ بنياد، صورت خطي دفتر ۽ ڪاروبار ۾ استعمال ٿيڻ ۽ ان جو ڪارائتو هجڻ تي بحث ٿيا ۽ ٿيندا رهندا. ڪن دوستن کي اهو وهم آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي ڪتابي صورت ۾ انگريزن آندو، جو سراسر غلط آهي. سنڌي ٻولي ۽ ان جي لپي جي قدامت جي اهڃاڻن لاءِ اسان وٽ محققن ۽ سياحن جا احوال موجود آهن جي ثابت ڪن ٿا ته ديبل، منصوره ۽ ملتان ۾ (مسلمانن جي شروعاتي دور ۾) عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون. سن 270هه/ 883ع ۾ يعني اڄ کان 1110 سال اڳ قرآن پاڪ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو به ڪيو ويو (پير راشدي) ان مان ثابت آهي ته عربن جي دور ۾ سنڌي نه فقط ڳالهائي ويندي هئي پر لکي به ويندي هئي. عرب سياحن جي احوالن ۽ تارين کوجنائن سان ثابت ٿيو آهي ته عرب حڪومت جي شروعات کان اڳ سنڌي زبان عام ماڻهن جي روزمره توڙي تجارت توڙي واپار جي استعمال واري ٻولي هئي ۽ سنڌي، عام ماڻهن، واپارين ۽ عالمن وٽ مقبول هئي. جاحظ (864ع) لکي ٿو ته سنڌ جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو. انهن جو هڪ خاص سنڌي رسم الخط آهي. ابن موقل ۽ اسطخري (951ع) لکي ٿو ته "منصوره، ملتان ۽ ان جي آس پاس جي ماڻهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي هئي." مسعودي (957ع) لکي ٿو ته "سنڌ جي زبان هندوستان کان مختلف آهي. سنڌ اسلامي ملڪن سان قريب تر آهي." بشاري مقدسي لکي ٿو ته "ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي. هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن. هتي جا باشندا واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي زبانون ڳالهائين ٿا." ابن نديم (995ع) لکي ٿو ته "سنڌ جي ماڻهن جو زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن ۽ رسم الخط متعدد آهن. هنن جا تقريباً ٻه سؤ رسم الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ 9 رسم

الخط رائج آهن.“ البيروني لکيو آهي ”اسلام جي آمد وقت سنڌي ٻولي نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اها ڏار ڏار رسم الخط ۾ لکي به ويندي هئي.“

ڀنڀور جي دڙي جي تازي کوٽائي مان لڌل ٺڪرين تي لکيل حرف، انين صدي جي ”آڳاٽي ناگري“ نموني جا آهن ۽ سنڌي ٻولي متعلق عرب سياحن جي حق گوئي ۽ راست بازي جي ساک پري آهي. سنڌي ٻولي هڪ کان وڌيڪ ديسي رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي. هر قوم کي پنهنجو رسم الخط هوندو هو. سنڌي لهاڻا پنهنجي نموني لکن ٿا ته ڀاٽيا پنهنجي رسم الخط ۾ لکن. اهڙي طرح ٺٺائي ڀاٽين ۽ سيوهاڻي ڀاٽين جو رسم الخط الڳ هو. پڻ راجائي، ونگائي، مالواڙي ۽ سنڌو به رسم الخطن جا نالا هئا. عرب سياحن جي احوالن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي ٻولي واپاري ڏي- وٺ ۽ عام استعمال واري ٻولي هئي ۽ ان وقت به شاهوڪار، معياري ۽ وسيع ٻولي هئي. ان ۾ نجوم، هيئت، طب ۽ ٻين علمن توڙي واپار، تجارت، روزانو استعمال جي شين، مختلف قسمن جي ڪپڙن، دوائن وغيره لاءِ لغتي خزانو هيو. مطلب ته اسلام جي آمد کان به اڳ ۾ سنڌي ٻولي جدا جدا لکتن ۾ لکي ويندي هئي. (الانه)

مذڪوره سنڌي لکتن کان سواءِ خواجڪي سنڌي صورت خطيءَ جو حوالو ڪئپٽن اسٽيڪ به ڏنو آهي. لوهاڻڪي خط ۾ واڌارو آڻي سنڌ ۽ ڪڇ جا نوان مسلمان (اسماعيلي) سومرا دور ۾ عام طور استعمال ڪرڻ لڳا. ان ۾ پير صدرالدين سائين جن ماترائون شامل ڪري ۽ ان سان گڏ ٻيا سڌارا ۽ واڌارا آڻي، ان تي خواجڪي سنڌي يا چاليهه اکري نالو رکيائون. مذهب جي اثر ڪري عربي- سنڌي حرفن استعمال ڪرڻ جو واهپو وڌڻ لڳو. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي خيال موجب عربي- سنڌي لکڻي جو قديم نمونو شاهه ڪريم بلڙي جي ڪلام ۾ ملي ٿو. پر ان رسم الخط جو حقيقي ۽ پختو پايو وجهندڙ مخدوم ابوالحسن هو، جو ڪلهوڙن واري دور جي وڏن عالمن مان هيو. هن ضروري سمجهيو ته نو مسلم ماڻهن لاءِ اسلامي اصول سندن مادري زبان ۾ لکيا وڃن. تنهنڪري

هن اول صورت خطي ڏاهي، جا نه فقط ٺٽي ۾، پر سنڌ جي ٻين حصن ۾ به تحرير جو وسيلو بڻي ۽ 1853ع تائين هيءُ ئي خط ڪم ايندو رهيو. پر سنڌيءَ کي ٻيا ديسي رسم الخط جا نمونا به هئا. حالانڪ پارسي، ادبي ۽ سرڪاري زبان هئي پر سنڌي سڀني جي روزمره جي زبان هئي. امير خواهه غريب سنڌي ڳالهائيندا هئا. هندو ۽ مسلمان واپاري پنهنجو سمورو ڪاروبار سنڌيءَ ۾ هلائيندا هئا. هندو ديوناگري نموني تي ڏاهيل هندو- سنڌي صورت خطي ڪم آڻيندا هئا. اسٽيڪ جي بيان موجب، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تحريري صورت لاءِ ڪيترائي خط ڪم اچن ٿا ۽ سنسڪرت وانگر کاٻي ساڄي لکيا وڃن ٿا. ان مان ثابت آهي ته انگريزن جي دور کان اڳ ۾ به سنڌي ٻولي لکي ۽ پڙهي ويندي هئي، پر لکتون مختلف هيون. (الانا)

1843ع ۾ انگريزن سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو. 1845ع ۾ بمبئيءَ جي بورڊ آف ايڊيوڪيشن سنڌ ۾ تعليمي ايجنسي ڏاهڻ جو سوال هٿ ۾ کنيو. پڻ سنڌيءَ کي صوبي جي سرڪاري زبان بڻائڻ جو مطالبو ٿيو. ان تحريڪ نيٺ وڃي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو سوال پيدا ڪيو. **1848ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ هڪ حڪم نامو ڪڍي سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي دفتري ٻولي بڻايو.**

حڪمنامي ۾ هيٺينءَ ريت لکيل آهي-

**”اسان کي سرڪاري لکپڙهه لاءِ ملڪي ٻولي يعني سنڌي رائج ڪرڻ گهرجي. مان ٺٺو سمجهي سگهان ته ڪهڙي نموني اسان جا روينيو ۽ عدالتي آفيسر ڪامياب ٿيءَ سان ڌاري ٻولي جهڙوڪ فارسي يا انگريزيءَ ۾ لکپڙهه هلائي سگهندا. تنهنڪري 18 مهينن جو مُدو اهڙن ملازمن کي ڏنو وڃي جنهن ۾ هو سڀ سنڌي ٻولي جو امتحان پاس ڪن. گرامر ۽ لغت ڇپرائڻ جو ڪم به تُرت ڪيو وڃي.“**

1851ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر هڪ اطلاع نامو ڪڍي سرڪاري عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو سڀ سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن ۽ ان ۾ ڄاڻايل هو ته:

”(الف) آئيندي سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي.
(ب) يورپي ۽ ٻيا پرڏيهي آفيسر سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن.
(ث) سنڌي اسڪول کُلن.

پر سنڌي ٻوليءَ کي ڪا هڪ مقرر صورت خطي ڪانه هئي. ان ڪري مسٽر ايلس جي صدارت ۾ هڪ ڪميٽي مقرر ٿي. ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا رايا مختلف هئا. ڪن جو رايو هو ته ديوناگري خط مقرر ڪيو وڃي. اختلاف جي ڪري 1853ع تائين هڪ به ڪتاب ڇپجي نه سگهيو. ۽ آخر ۾ سنڌي زبان لاءِ عربي- سنڌي صورت خطي مقرر ٿي ۽ آخر ۾ **سر بارٽل فريئر جي سفارش تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ فيصلو ڪيو ته سنڌي لکڻ لاءِ عربي-سنڌي رسم الخط اختيار ڪيو وڃي.**

سنڌي ٻولي کي سنڌ ۾ دفتري زبان بڻائڻ لاءِ سنڌ جي ڪمشنر 25 مارچ 1857ع تي **سنڌ جي ڪليڪٽرن ڏانهن حڪم نامو موڪليو ته سنڌي ٻولي روينيو ۽ عدالتن ۾ عام استعمال ڪئي وڃي.** نتيجي طور سنڌ جي ڪليڪٽرن (ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور) ۽ سياسي ناظم اپر سنڌ، ڪمشنر سنڌ کي 12 **ڊسمبر 1857ع تائين اطلاع ڪيو ته سنڌي مڪمل طور عدالتي ۽ روينيو دفتر جي ٻولي ٿي چڪي آهي ۽** ڪمشنر 28 ڊسمبر 1858ع تي بمبئي سرڪار کي اطلاع موڪليو ته **سنڌ صوبي ۾ سنڌيءَ کي دفتري ۽ حساب ڪتاب جي ٻولي بڻايو ويو آهي. (الانا)**

اهو سلسلو 13 آگسٽ 1947ع تائين هلندو آيو ۽ پڻ پاڪستان ۾ هن ٻل پاس ٿيڻ واري ڏينهن به سنڌيءَ جي ساڳي حيثيت هئي.

1935ع جي ائڪٽ موجب انگريزي گڏيل هندوستان جي دفتري ٻولي آهي ۽ 1947ع جي آزاديءَ واري ائڪٽ هيٺ ٻوليءَ بابت نئون فتنو پيدا ڪيل ڪونه ٿو ڏسجي. ان مان ظاهر آهي ته انگريزيءَ کي سرڪاري ٻولي بڻايو ويو. 1956ع جي دستور موجب آرٽيڪل 214 تحت اڙدو ۽ بنگالي کي مرڪزي سرڪار جون سرڪاري ٻوليون (يعني

انگريزي جي جاءِ تي) ٻڌايو ويو. پر 1962ع جي آمريت واري دستور ۾ اڙدو ۽ بنگالي قومي ٻوليون ٺهرايون ويون. جيئن ايوب خان ملڪ جي نوڪر مان ترقي وٺي ڏنڊي جي زور تي صدارت جي ڪرسي والاري تيئن اڙدو کي به ترقي ڏيئي قومي ٻولي ٻڌايو ويو. ايوب صاحب ڪامورن جي قوم جو چڱو مڙس هو. اڙدوءَ 25 سال ڪامورن کي وندرايو آهي. وري عارضي آئين وارن به **قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ** ۾ فرق ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. ٻئي طرف کان جيڪڏهن 1947ع، 1956ع، توڙي 1962ع واري دستور ۾ سنڌيءَ بابت ڪجهه به لکيل نه آهي پر انهيءَ حالت ۾ سنڌيءَ جي حيثيت ۽ مرتبي تي ڪوبه اثر ڪونه پيو ڇاڪاڻ ته سنڌي، سنڌ اندر عدالتي ۽ دفتري ٻولي هئي، ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو فيصلو قائم هو. اهو به چيو ٿو وڃي ته 1954ع واري دستوري خاڪي ۾ سنڌيءَ جي حيثيت ڇِتيءَ طرح مڃي وئي هئي پر غلام محمد گورنر جنرل کي سنڌ جي زمين هڙپ ڪرڻ جي لڳي ۽ اُهو ناهيل دستور پان واري جي دڪان تي طور جي حساب سان وڪڻي ڇڏيائين. پوءِ جا ڪتاب ته صرف ون يونٽ جي ٻولي ڳالهائڻ لڳا. **عارضي دستور 1972ع جنهن جي عمر وڏ ۾ وڏ هڪ سال رکي وئي آهي**. آرٽيڪل 267 پاڱي به ۾ صوبائي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيل آهي. قومي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيل آهي. پاڪستان ۾ مقيم چار قومون سنڌي، پنجابي، بلوچ ۽ پٺاڻ آهن. پر تعجب جي ڳالهه اها آهي ته قومي ٻولي اردوءَ کي ڪيو ويو آهي. اڙدو ٻوليءَ کي قومي ٻولي ٻڌائڻ تي **شهزاده سيدنا آغا خان حضرت سلطان محمد شاهه لکن مسلمانن جي روحاني رهبر ۽ تاريخ ساز شخصيت پنهنجن زرين خيالن کان اسان کي آگاهه ڪيو آهي. پاڻ حضرت قائد اعظم محمد علي جناح جا به روحاني مرشد هيا.**

معتمر عالم اسلامي جي گڏجاڻي تاريخ 9 فيبروري 1951ع تي ڪيل تقرير مان ٽُڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

”قومي زبان بڻائڻ لاءِ توهان جو اڙدو وارو خيال توهان کي ڏاکڻي پاڙيسري ملڪ سان ڪنهن به طرح نه ڳنڍيندو. اوهان پلي عربي فارسي اکر اڙدو ۾ ملايو ۽ پر اڙدو جي اصل ترڪيب، نمونو ۽ پاڙون هنديءَ مان نڪتل آهن. ڇا اڙدو، هندوستان ۾ مسلمانن جي اوج وارن ڏينهن ۾ مسلمانن جي زبان هئي؟ مغلن جي شهنشاهيت ۾ هيءَ ٻولي تعليم يافته ماڻهو ڪونه ڳالهائيندا هئا. منهنجي هر ڪنهن کي دعوت آهي ته ڪو مون کي شهنشاهه اورنگزيب، شاهجهان، جهانگير، اڪبر، همايون يا بابر جو اڙدوءَ ۾ لکيل خط يا تحرير جو ڪو نمونو پيش ڪري سگهي. مان اورنگزيب جون ڪيتريون لکتون پڙهيون آهن، اهي فارسيءَ ۾ لکيل آهن. تاج محل کي ڏسو، شهنشاهه ۽ راڻي جي مقبري تي ڇا لکيل آهي ۽ ڪهڙي ٻولي لکيل آهي. اسان کي اکيون کولي تاريخي حقيقتون ڏسڻ کپن. اڙدو هندوستان جي مسلمانن جي ٻولي ان وقت ٿي جڏهن انهن جو زوال آيو. هيءَ زبان زوال جي زبان آهي. هن جا وڏا شاعر زوال جي دور جي پيدائش آهن. اڙدوءَ جا عظيم ليکڪ شڪست ۽ ذلت جي دور جي پيدائش آهن.“

ٻولين جي حيثيت تي اهڙو غلط فيصلو ڪنهن به ملڪ ۾ ڪونه ڪيل آهي. پر هتي ته اڙدو بحيثيت قومي زبان جي، نظريه پاڪستان ۾ ايمان جو جزو بڻائي ويئي آهي. اهو قومن جي حقن جو بدترين مثال آهي. 1962ع **واري دستور ۾ اڙدو صوبن مٿان مڙهيل نه آهي پر عارضي دستور ۾ جيڪو صرف هڪ سال لاءِ آهي، ان ۾ اڙدو صوبن جي ڳچيءَ ۾ وڌي ويئي آهي.** شايد سنڌي ميمبرن کان اها نظر چوڪ ٿي ويئي هئي ۽ هاڻي پڪي دستور ٺاهڻ وقت اکيون کوليندا.

سنڌي ٻوليءَ وارو بل صوبائي سطح جو قانون هو. اهو دستور جي فقرن موجب پاس ٿيو. ان تي ايترا سارا هنگاما ٿيا. انهيءَ لاءِ نه ته سنڌي صوبائي ٻولي نه ٿئي پر اهو ان لاءِ ته سنڌيءَ جي دفتري ۽ عدالتي ٻوليءَ واري حيثيت کي نقصان پهچايو وڃي. ڪن دوستن جو خيال آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي قانوني حيثيت ڪانه هئي. اسين اهڙن دوستن کي با ادب

اختلاف ٿا رکون. 1858ع تائين گڏيل هندوستان جو نظام ايسٽ انڊيا **ڪمپنيءَ هيٺ هيو. ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن جو 1853ع ۾ پڪراءِ فيصلو سنڌ صوبي جي دفتري ۽ عدالتي ٻولي ٻٽائڻ جي حق ۾ آهي.** ان تي عمل ٿيو ۽ ٻل پاس ٿيڻ تائين به عمل ٿيندو رهيو. عدالتي ٻولي ملڪ جي ٻين سپني ٻولين کان اڳ آهي. اڙدو ڪٿي به سنڌ اندر عدالتي ٻولي ڪانه هئي ۽ ان جي برعڪس سنڌ سول ڪورٽس رولس 1954ع جي قاعدي 33 پاڱي 4 کي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته سنڌ چيف ڪورٽ به سنڌيءَ کي عدالتي ٻوليءَ جي حيثيت سان قبول ڪيو آهي. (پڙهو فقرو 33 پاڱو 4) **"هر هڪ دعويٰ جيڪا ضلع يا ماتحت عدالت ۾ داخل ڪئي وڃي ۽ ان جي رقم 5 هزار يا ان کان مٿي آهي ته انگريزي يا سنڌيءَ ۾ لکي ويندي ۽ سنڌيءَ جي حالت ۾ انگريزي نقل شامل ڪيو ويندو."**

قاعدي نمبر 82 ۾ آهي ته ڪاروائي عدالتي ٻولي سنڌي ۾ هلائي ويندي يا جيڪڏهن قانون اجازت ڏئي ته انگريزيءَ ۾. قائدو نمبر 95 نوٽيس ۽ سمن بابت آهي ۽ ان ۾ عدالتي ٻولي (سنڌي) ڏيکاريل آهي.

هنن فقرن تي عمل ٿيندو رهيو آهي ۽ ٿئي ٿو. ان کان علاوه سول سروس ڪلاسيفڪيشن قاعدا 1952ع جي قاعدي نمبر 11 موجب هر غير سنڌي ملازم کي ملازمت ۾ گهڙڻ کان هڪدم بعد ٻن سالن اندر سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻو هو. قائدو 101 جنهن ۾ چيل آهي **"سب گزيٽيڊ ۽ نان گزيٽيڊ آفيسر نوڪري حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻن سالن اندر سروس ڪميشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪندا. مقرر ڪيل مدت ۾ امتحان پاس نه ڪرڻ جي حالت ۾ هن جي نوڪري ختم ڪئي ويندي. پر خاص حالتن ۾ سنڌ سرڪار اها مدت وڌائي سگهي ٿي پر وڌايل مدت دوران اهو ملازم نه اضافي جو حقدار رهندو ۽ نه ترقي وٺي سگهندو."**

ايترو سارو قانون موجود هجڻ جي باوجود هڪ بل پاس ٿيو. شايد عارضي بل پاس ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌيءَ سان جيڪا دفتري ۽ عدالتي زبان آهي، اڙدوءَ کي به جاءِ ڏني وئي. هڪ ته بل به ايسٽ انڊيا ڪمپني جي پڪراءِ فيصلي جي خلاف آهي. ان وقت ڪمپني کي انگلينڊ جي پارليامينٽ جا اختيارات هئا. ٻيو ته اهڙي بل پاس ڪرڻ جي ضرورت ڪانه هئي. تنهنڪري اهو صاف ٿي چڪو ته سنڌي عدالتي ٻولي هئي ۽ آهي پر اردو عدالتي ٻولي ڪانه هئي. هاڻي شايد عدالت ۾ حجت سان ڳالهائي سگهجي.

## وئي سون ڪاڻ، پر ڪَن ڪپائي آئي.

آرڊيننس ذريعي سنڌي سِکڻ کان اڙدودانن کي 12 سالن جي مهلت ڏني وئي آهي. اها مهلت اڄوڪي دور ۾ جڏهن اخبارون، ريڊيا، ٽيليويزن، اشتهار، فلم، ۽ ٻيا آڊيو- ويزل ايڊ (ڏسڻ ۽ سِکڻ) جا انيڪ طريقا نڪري پيا آهن. اها وڏي زيادتي آهي. ڪهڙي نه نموني سان ڪوڙو هٺو پر حساب منجهي ٿو پوي. انگريزن نئين رسم الخط سِکڻ لاءِ 1851ع ۾ ملازمن کي 18 مهينا ڏنا. اڙدو وارا سنڌ ۾ نوان آيا، پر ون يونٽ کان اڳ واري سنڌ سرڪار هنن کي صرف ٻه سال ڏنا. پر پنجويهه سالن رهڻ کان پوءِ انهن کي 12 سال مهلت ڏني وئي آهي ۽ انهن کي جيڪي جاوا ٻه سنڌ ۾ آهن، ٿوري سوچڻ سان پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيندو ۽ پڻ مطلب ٻه معلوم ٿي ويندن.

سنڌ يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ هئي. اتي انگريزي ۽ سنڌي جوابي ٻوليون هيون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اڙدو به آئي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽي ٿي. 53- 1954ع ۾ جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ جواب ڏيڻ وارن شاگردن جو تعداد 48 سيڪڙو هو، تڏهن به ان وقت جي وائيس چانسلر سنڌيءَ ۾ جواب ڏيڻ ميٽرڪ کان مٿي وارن شاگردن لاءِ بند ڪري ڇڏيو ۽ سنڌي پڙهائڻ کي به گهٽائي ڇڏيو. سنڌي شاگردن احتجاج ڪيو، پُڪاريو، پر جناب ذوالفقار علي ڀٽي صدر پاڪستان کي خبر آهي ته انهن پڪارن ۽ احتجاجن مان وريو ڇا. سنڌي شاگردن جي اڳواڻ ۽ ان وقت بحيثيت هڪ

”سنڌي قومپرست“ جي جناب ذوالفقار علي ڀٽي پاڻ اڳواٽي ڪئي. وري 1958ع ۾ مارشل لا آيو ۽ جنرل ٽڪا خان ڊائريڪٽر تعليم سنڌ کي زباني نياپو موڪليو ته سنڌ جي اسڪولن ۾ غير سنڌي شاگردن تان سنڌي سبق پڙهائڻ معاف ڪيا وڃن. وري آئي ايوبي تعليمي ڪميشن جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي حدن ۾ به سنڌي پنجين پرائمري کان مٿي اختياري بڻائي ڇڏيو. يعني ٻين لفظن ۾ ته **ٽيڙ ويڙهيو.** غير سنڌي ملازمن تان سنڌي ٻوليءَ جا امتحان به معاف ڪيا ويا يا اختياري بڻايا ويا. اهي احڪام نه صرف ايوب ڪڍيا پر ڪانئس پوءِ يحيٰ ۽ ڀٽي به پوئواري ڪئي پر ساري ڪامورا شاهي اهڙن قانون تي ڪِڪِيون هڻندي رهي. ۽ پوءِ حالتون اهڙيون پيدا ڪيائون ته نوڪرين جا خواهان سنڌي شاگرد وڃي اڙدوءَ جي تعليم وٺن. هٿ سان پنهنجي ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ جي نعمتن کان پري رکي هاڻي ٿا هٿ هڻن.

اخلاق جي تقاضا ۽ پڻ ضرورت به صرف ايتري آهي ته سنڌي سکڻ لاءِ فقط هڪ سال ڏنو وڃي. تنهن جا 18 مهينا هجن- پر هنن 12 سال ورتا آهن. انهن ۾ هنن جي وڏي مصلحت ٿي ڏسجي. ايندڙ ٻارنهن سالن اندر شايد اسان جي اڙدو دانن جو پروگرام اهو آهي ته پنجاب، سرحد ۽ هندوستان مان ايترا غير سنڌي سمگل ڪري سگهندا جو سنڌين کان سياسي طاقت ۾ وڌي ويندا. ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو بل رد ڪري نئون بل پاس ڪندا. **عام حالتن ۾ اڙدو شاگرد مئٽرڪ تائين سنڌي پڙهڻ تي ڇهه سال لڳائيندو پر 12 سالن واري مهلت وري به شڪ ۽ گمان پيدا ٿي ڪري، ان کان علاوه اِهو 12 سالن جو مُدو غير مناسب ۽ غير واجبي آهي. مُدو ٻن سالن جو هجي.**

**بِل ۽ آرڊيننس:** بل اسان جي سنڌ اسيمبليءَ پاس ڪيو آهي، تنهن ڪري اسان عزت ۽ احترام سان بل جو نالو وٺون. پر جيڪڏهن وزيرِ تعليم هڪ انتظامي مراسلو لکي اڙدو اسڪولن ۾ چوٿين ڪلاس کان سنڌي رائج ڪرائي ها ته وڏيڪ سنو ٿئي ها. ٻئي طرف کان آرڊيننس اهڙو ته غلط لکيل آهي جو سنڌ ۾ سنڌين لاءِ صوبائي معاملن ۾ به

اڙدوءَ جي ڄاڻ اڻ سڌي طرح لازمي ڪئي ويئي آهي. هن تحفظ جي گهر ته ڪنهن به سنڌيءَ ڪانه ڪئي هئي. ٻيو ته آرڊيننس مان غلط مطلب ٿو نڪري. آرڊيننس جي ڪري سنڌ سول سروس ڪلاسيفڪيشن رولس 52 جو قائدو 11، ڇئن پاڻان سميت بيڪار ٿي ويو. ملازمتن لاءِ سنڌي ڄاڻ لازمي هئي پر هاڻي اڙدوءَ جي ڄاڻ اڻ سڌي طرح لازمي ڪئي ويئي آهي. سنڌيءَ جو امتحان ٻن سالن ۾ پاس ڪرڻ وارو هاڻي 12 سالن ۾ پاس ڪيو ويندو. ٻل ٻه اڙدوءَ جي حفاظت ٿو ڪري پر آرڊيننس کان پوءِ ٻل جي اهميت ڊائريڪٽر تعليم جي سرڪيولر جيترِي رهي آهي. دراصل اسان جي **اڙدو ڀائرن جون دانهون تڏهن ٿين ها جڏهن سنڌيءَ کي سنڌ جي هر سطح تي سرڪاري زبان بڻايو وڃي ها ۽ ٻل ۾ اڙدوءَ کي سنڌ اندر ختم ڪيو وڃي ها**. سنڌيءَ جي استعمال لاءِ ٻل جي فقري تحت قاعدا نهڻا هئا. وڏيڪ اعتراض ان وقت ڪري سگهجي ها. هن آرڊيننس کان پوءِ شايد قاعدن ناهڻ جي گنجائش نه رهي آهي. ٻل ۾ سنڌي صوبائي ٻولي بڻائي ويئي آهي. پر آرڊيننس ۾ سنڌي اڙدو سرڪاري ٻوليون بڻايون ويون آهن. جناب ممتاز علي ڀٽي کي سندس واعدن جي روشنيءَ ۾ عرض ٿو ڪجي ته هن آرڊيننس پاس ڪرڻ کان اڳ ۾، مٿي بيان ڪيل قانوني حجتن جو ملاحظو فرمائي ها ۽ اسيمبلي ۾ آرڊيننس کي رد ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرائي ها.

۽ **هينئر** سنڌي ٻوليءَ جو ڪيس 1973ع جي آئين تحت ختم ڪري سنڌي ماڻهن کي نعرا ۽ مرثيا ڳائڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي. مرثيو ماضيءَ جي ڳالهه ڪندو. سنڌي ميمبر ڪل 37 آهن ۽ آئين ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ 158 ميمبرن جو ساٿ گهرجي. سنڌي عوام ٻوليءَ جي لاءِ گڏيل پاڪستان ۾ به لڙندو رهيو. سنڌيءَ ۾ **لسٽون لکو** جو معرڪو 1969ع ۾ ٿيو جنهن ۾ هزار کان وڏيڪ ماڻهو جيل ۾ ويا ۽ ان کان بعد جي حڪومت سڀ ليڪا لنگهي ون- يونٽ ۾ ٻوليءَ جي بچايل حيثيت به ختم ڪري ڇڏي. 1973ع جو آئين جوڙيندڙ ۽ اکيون ٻوٽي نعري بازي سان ان تي ناز ڪندڙن کان پڇڻ گهرجي. هندوستان جي قومي

ٻولين ۾ سنڌيءَ جو ذڪر به آهي. پر 1973ع جي متفقه آئين کان پوءِ ڪوڙين ميونسپالٽيءَ وارن جي به مرضي آهي ته دفتري لکپڙهه اڙدوءَ ۾ ڪن يا سنڌيءَ ۾.

# سنڌ سورن ۾
# ون يونٽ کان بہ وڌيڪ

ملڪ جو آئين يا جوڙجڪ هر نندي يا وڏي علائقي يا صوبي جي ترقي، بهتري ۽ ملڪي معاملات ۾ بغير- رنڊڪ ۽ رڪاوٽ جي شرڪت جي ضمانت ڏيندو آهي. 1956ع جو آئين پنجاب ۽ بنگالي رهنمائن جي حڪمت عمليءَ سان تيار ٿيو هو. ون يونٽ ٽوڙڻ جو نهراءُ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ پاس ڪيو تہ ون يونٽ کي ٽُٽڻ کان بچائڻ لاءِ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. ۽ مارشل لا جي مُهندار ون يونٽ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ جسٽس منير جي سربراهيءَ ۾ جناب منظور قادر ۽ سائين ذوالفقار علي ڀٽي تي مشتمل آئيني ڪميٽي جي مشورن سان 1962ع وارو آئين پاڪ- وطن تي نافذ ڪيو ۽ جنهن کي بہ هڪ فوجي آمر ختم ڪري ٻيهر مارشل لا لاڳو ڪيو. ۽ دورانِ آمريت ون يونٽ ٽوڙي ملڪ مٿان جنگ مڙهي بنگالين کي مار موچڙو ڪري بنگال کي ڌار ڪيو. البتہ جنرل يحيٰ خان نئون آئين، قرارداد پاڪستان جي لڳ ڀڳ ناهي 17 ڊسمبر 1971ع تي قوم کي ٽيليويزن تان ان جا اهم نڪتا ٻڌائڻ لاءِ وجي رهيو هو تہ هن کي پڻ فوجي سربراهن گرفتار ڪيو. اها تقرير سنڌ جي عوام جا نہ ٻُڌي، سندن سالن جا سور لاهي ڇڏي ها پر اسان جا نصيب قِتل، جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي هٿ ۾ چڙهيا هئا. جيڪا ڪرٽي هيس سا ڪري ٻينو. بهرحال جناب جنرل يحيٰ خان جي اها تقرير بعد ۾ ڪجھ رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپي آهي. جناب فيلڊ مئن جي ڪتاب "پاڪستان جي ڀڃاڻي ۽ شروعات" ۾ ڏنل آهي ۽ 1975ع جنوري "اڳتي قدم" ۾ "يحيٰ خان جي اڻ ڇپيل غلطي" جي عنوان سان سنڌيءَ ۾ بہ ڇپجي چڪي آهي. آمريت جي پيداوار جناب ڀٽي صاحب مارشل لا جو

مزو وٺي 1973ع جي آئين جي روپ ۾ "**ريشمي سُٽ**" جو نوڙ ڳچيءَ ۾ وجهي "سنڌ جي سُورن ۾" اضافو ڪيو. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته ون يونٽ جو خاتمو پنجاب ۽ ان جي حمايت ڪندڙ بنگال ۽ محمد ايوب کهڙي حالتن مطابق ان کي قبول ڪيو پر 1973ع جو آئين ون يونٽ کان وڌيڪ نقصانڪار، جو خالق ۽ نعري بازيءَ جي زور تي پڙهڻ کان سواءِ اسان جي ذهن تي نافذ ڪندڙ جناب ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ هو. ٿوري گناه واري خلاف نفرتن جا ڍورا ۽ ڪبيرا گناه وارو سِر جو سائين!!

ون يونٽ بمقابل 1973ع جي آئين جو جائزو وٺڻ گهرجي. 1935ع جي ائڪٽ تحت سنڌ کي سيلز ٽئڪس توڙي تيل ۽ گئس جي کوهن جي مالڪي هئي. ۽ اجوڪن حالتن ۾ سنڌ کي 35 ارب روپيا آمدني ٿئي ها. پر قرارداد پاڪستان تحت ڪسٽم جي ٽئڪس کان سواءِ سڄي آمدني جيڪا 60 ارب روپين کان مٿي سنڌ جي آمدني هجي ها. پر هاڻي سنڌ مان نڪرندڙ تيل جي "رائلٽي" کان به جواب ته تيل جي کوهه تي پٽيوالي جي نوڪري جو حَق به سنڌينکي نه آهي. ۽ متنازع موٽر وهيڪل ٽئڪس، ڍڳن مان مڇي، مال جي پنجري، بازيگري ٽئڪس ۽ ڏنڊ سنڌ جي آمدني آهي جيڪا هڪ - ڏيڍ ارب روپين جي وچ ۾ آهي.

تنهن ڪري اهو ضروري ٿي پيو آهي ته اسان 1973ع جي آئين جو مطالعو ڪريون ۽ انهيءَ ضرورت کي ذهن ۾ رکي بدنام زمانه ون يونٽ ۽ نعري بازيءَ جي پاڇي هيٺ مقبول زمانه 1973ع جي آئين جي پيٽ پيش خدمت آهي. گهڻ قومي ملڪ ۾ ننڍن صوبن يا علائقن کي آئيني تحفظ جي وڏي ضرورت پوندي آهي ۽ ان کان علاوه انتظامي معاملات ۾ دخل/ شموليت اقتصادي واذاري جون اميدون ۽ ثقافتي اوسر لاءِ تحفظات جي گنجائش جو خيال رکيو ويندو آهي، جنهن جو ذڪر ضروري آهي.

**آئيني:** بنگال جي موجودگيءَ ۾ ٻه سو قومي اسيمبلي ميمبرن مان هڪ سو بنگالي، سٺ پنجابي ۽ چاليهه ميمبر موجوده ٽن صوبن جي علائقي جي نمائندگي ڪندا هئا. قانون

سازيءَ لاءِ اڪيلي سر پنجاب وٽ اُها سگهه نه هئي جو ڪوبه قانون پاس ڪرائي جنهن سان سنڌ کي يا ٻين ننڍن صوبن جي علائقي کي نقصان جو انديشو هجي. ساڳي طرح مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ نمائندگيءَ جو ڍانچو 40: 60 تي ٻَڌل هيو. يعني 300 (ٽي سؤ) ميمبرن مان چاليهه سيڪڙو پنجاب صوبو ۽ سٺ سيڪڙو نمائندگي باقي علائقن کي هئي. پنجاب ٽن سون (300) ميمبرن مان هڪ سو ويهه (120) ۽ باقي هڪ سو اسي (180) ميمبر ننڍن صوبن جي علائقي کي هئا. فوجي راڄ يا آمريت کي ڇڏي اڪيلي سِر پنجاب ننڍن صوبن تي دٻاءُ ۽ هيسائڻ جي حيثيت اختيار ڪرڻ جي لائق نه هو. مرڪز ۾ بنگال اسان جي مثال چانوَ هو. پنجاب اقليت ۾ ۽ ون يونٽ ۾ رضانامي تحت ننڍن صوبن جي علائقن کي نمائندگي گهڻي هئي ۽ واضح اڪثريت مليل هئي ته قانون سازيءَ جي ميدان ۾ اهڙو قانون پاس ٿيڻ ناممڪن هيو جنهن ۾ اسان جي پنهنجي مرضي شامل نه هجي.

ان جي برعڪس، بنگال وارا ميمبر ويا ۽ مغربي پاڪستان ۾ جيڪو هاڻوڪو پاڪستان آهي. سٺ: چاليهه جو تناسب ختم ۽ پنجاب اونجاهه (58) ۽ باقي علائقا ٻائيتاليهه (42) سيڪڙو مرڪز ۾ جيڪو ون يونٽ جي جاءِ تي. ٻه سو ست (207) ميمبرن مان هڪ سو ويهه (120) پنجاب ۽ باقي ٽئي صوبا ستاسي (87) ميمبر، عورتن (في الحال ختم) ۽ اقليتن سميت مجموعي حساب ٿيو 137 ميمبر پنجاب ۽ 100 ميمبر ٽن صوبن جي نمائندگي ڪندا. ويتر قانون سازيءَ جي اختيارن تي نظر وجهبي ته آرٽيڪل 70 تحت قانون سازيءَ جي لسٽ ۾ مرڪزي- اختياري واري لسٽ جي پهرين ڀاڱي ۾ ڏنل اسمن تي ڪوبه بل صرف قومي اسيمبلي ۾ پيش ٿي سگهي ٿو ۽ جڏهن قومي اسيمبلي اهڙو بل پاس ڪيو ته بعد ۾ سينيٽ کي موڪليو ويندو ۽ 90 ڏينهن اندر سينيٽ کي پاس ڪرڻو آهي پر نوي (90) ڏينهن اندر پاس نه ٿيو ته ان کي پاس سمجهيو ويندو ۽ پاڻ مرادو صدر جي منظوري يا دستخط لاءِ موڪليو ويندو. پر جيڪڏهن ان بل کي سينيٽ رد ٿي ڪري يا ترميمن سان پاس ڪري ٿي ته اهو بل قومي اسيمبليءَ يعني ”جهان خان“ ڏي ٻيهر غور لاءِ ويندو ۽

قومي اسيمبليءَ بيهر پاس ڪيو ته سينيٽ جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ صدر جي دستخط لاءِ موڪليو ويندو. هن آئيني فقري هٿ وٺي سنڌ جو ساهه ٿي ڪڍيو.

ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو قانون جي دائري ۾ رهي پاس ٿي وڃي ها ۽ اسان صرف اکيون مهٽيندا رهون ها. ويتر قومي لسٽ جي ٻئي ڀاڱي ۽ گڏيل لسٽ ۾ شامل اسمن کي ڏسبو ته انهن اسمن بابت بل قومي اسيمبلي يا سينيٽ پاس ڪري، پر اختلاف جي صورت ۾ گڏيل اجلاس ڪوٺايو ويندو. اهڙي حالت ۾ به ٽن صوبن جي مٿان هڪ صوبي جي مرضي حاوي رهندي. ٽن صوبن جي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جي ميمبرن جو جوڙ ٿيندو 147 ۽ پنجاب جو مقدار 153 ٿيندو. ته قانون سازيءَ جي ميدان ۾ جيئن ڪري پنجاب ۽ اسان ٽن صوبن جا وينا واجهايون پنهنجي نصيبن کي، ۽ هٿ ڪٽي پٽيون پنهنجي "محبوب" رهنمائن کي.

**انتظامي**: حالانڪ سينيٽ برابريءَ جي بنياد تي صوبن جي ووٽن سان چونڊجي ٿي پر حاڪميت جو حق صرف قومي اسيمبليءَ کي آهي. وزير اعظم مقرر ڪرڻ ۽ لاهڻ جو اڪيلي سِر حق پنجاب کي آهي. حالانڪ ون يونٽ تي رضانامي تحت وزير اعليٰ ننڍن صوبن مان ٿيڻو هو، ۽ ان کي لاهڻ جو اختيار به اڪثريت کي هو. سيڪشن ڏهون پڙهڻ سان صاف ظاهر هيو ته ون يونٽ ۾ شامل علائقن سان ون يونٽ کان اڳ وارو قانون لاڳو هيو. ڊوميسائيل، نوڪري، زمين ۽ اهڙا مسئلا نبيرڻ لاءِ سخت هدايتون نڪرنديون هيون. آخر اڪثريت ٻين صوبن جي ضرور هئي پر انهن جي مقرري سياسي بنيادن تي ڪونه ٿيندي هئي ۽ نه ملازمتن تي به ڪا ڪاروائي سياسي بنيادن تي ٿيندي هئي.

نوڪرين ۾ ڀرتي ۽ ترقي ضلع يا ڊويزن جي بنياد تي ٿيندي هئي، مغربي پاڪستان جي بنياد تي گزيٽيڊ ملازمتون سروس ڪميشن جي معرفت مقابلي جي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي آڌار تي ٿينديون هيون، ائين نه ته سردارن، پيرن ۽ ميرن جا پُٽ بنان امتحان جي

اسسٽنٽ ڪمشنر پرتي ٿين. حالانڪ امتحان ڏيڻ جي لاءِ نہ سگھ اٿن ۽ نہ لياقت. تنهن ڪري چيف منسٽر نا اهل ماڻهن کي غريبن جا حَق ماري وينو لسٽون ڏاهي.

اسيمبليءَ ۾ سوال جواب ۾ مصلحت نہ پر سڌو سنئون پڇيو هو. پر جڏهن سڀجي قوت هڪ صوبي وٽ آهي تہ لحاظ بہ اهڙو ڪرڻو آهي. ڊوميسائيل ون يونٽ ۾ ڪوڙا بہ نهيا، پر ان جو سوال ون يونٽ ۾ پڇي ٿي سگھيا.

مثال ونو مسٽر نير باريءَ جو. حيدرآباد مان ڊوميسائيل ورتو. اسيمبلي ميمبر سائين محمد مراد شاه سوال اٿاريو. وٺ وٺ ٿي ويئي، اجان ان مسئلي کي توڙ تائين پهچايو ويجي تہ نئون مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. پر 1971ع ۾ سيپٽمبر ڏاري ڊوميسائيل ڪميٽي جوڙي ٿي ڊوميسائيل ان جي حوالي ڪيا ويا. 1971ع جي آخري ڏهاڙن ۾ نئين پاڪستان جو نئون دور شروع ٿيو ۽ آخر 1973ع جو آئين بہ پهچي ويو. 1967ع ۾ ضلع خيرپور ۾ پوليس وارن جي پرتي ٿي. 18 مان 16 اميدوار جڙان والا ۽ گجرانوالا جا هئا. چاچي عطا محمد خان لُنڊ جي سوال تي ٽاڪوڙا پئجي ويا. ڊيوٽيءَ تي چڙهيل سپاهي بہ گھرن ڏانهن موٽايا ويا.

حيدرآباد ضلعي ڪائونسل سائين امداد علي شاه ڄاموٽ جي سوالن تي ايس- پي حيدرآباد سائين جامي صاحب کي پابند ڪيو ويو تہ آئينده ٻاهريون ماڻهو ڪوبہ پرتي نہ ڪيو ويندو.هر ڪاتي ۾ ضلع ڪيڊر ۽ ڊويزنل ڪيڊر جو خيال رکيو ويندو. البتہ غلط طريقي جون پرتيون پر اي- ڊي- سي يا واپڊا وغيره ۾، پر جنرل يحيٰ خان ون- يونٽ ٽوڙ حڪمنامي سان اهڙن ملازمن کي پنهنجن صوبن ڏانهن موڪلڻ جو حڪم ڏنو، بلوچستان ۽ سرحد اتي مان وار ڪيڻ جي مصداق هر ان ملازم کي سندس آبائي صوبي ڏي موڪلي ڏنو پر سنڌ مصلحتن تحت هزارين ملازم اسان تي چَٽِي وڌا- ويتر 1972ع کان 1985ع تائين پوليس کاتي ۽ ٻين کاتن ۾ 20 کان 25 هزارن کان وڌيڪ ملازم سنڌ کان ٻاهر جا پرتي ڪيا. ويتر هن آئين ڊوميسائيل جي مسئلي کي ايترو تہ منجهائي ڇڏيو آهي جو هاڻي **ٽڪا خان ۽ اصغر خان** بہ سنڌ جي ڊوميسائيل جا حقدار ٿي ويا. ڪچين آبادين جو رڳو

لکيل آهي، تصديق ڪرائي سنڌ جي حصي تي حَق ڄمايو. رهيو سوال گزيٽيڊ نوڪرين جو، انهن لاءِ 1961ع سيپٽمبر کان ڪوٽا مقرر ٿي- 26 جاين مان 5 لياقت جي بنياد تي ۽ باقي 21 علائقي وار آدمشماري جي حساب سان سنڌ کي ڪراچيءَ سميت 4 جايون مليون. پر 73ع جي آئين کان پوءِ آرٽيڪل 15 ۽ 27 ۽ قانون سازيءَ جي لسٽ پهرين جي ائٽم 5 موجب سڀ ٿيا خير.

**ثقافت:** قومن جي تاريخ ثقافت سان سڃاتي ويندي آهي. جايون جڳهيون، لباس، اٺڻي ويهڻي، ڪاڌو پيتو، ميلو ملاکڙو، شاديون غميون، ساز ۽ آواز، عزت ۽ غيرت، علم و ادب، شعر و شاعري ۽ ٻولي وغيره سڀ ثقافتي اُپار ۾ اچن ٿا. قوم زنده رهندي جيستائين ٻولي زنده آهي، قومي لباس به نهي تيار ٿيو. پَٽڪو ۽ گوڏ گُم.

موهن جي دڙي کان ون يونٽ ٿيڻ تائين سنڌي قومي ٻولي هئي. لکڻ ۽ لکائڻ ديوناگريءَ کان ڦِري عربي ٿيو. ون- يونٽ ۾ ريجنل ٻوليءَ جو نالو مليو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزن جي علائقي يا ڊويزن کي ٻوليءَ جي مقصدن لاءِ ريجن سڏيو ويو. مغربي پاڪستان ريجنل امتحاني قائدا 1963ع جوڙيا ويا. سنڌي نه ڄاڻندڙن کي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻو پوندو هو. سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ مقرر ڪيل الائونس به ملندو هو. سنڌ جا ماڻهو اهو قومي مان ريجنل ٻوليءَ جي حيثيت تي راضي ٿي ويا. پر 1973ع جي آئين کان پوءِ ضلع ۽ يونين ڪائونسل جي ٻوليءَ جي حيثيت تي پهتا آهيون. پر ڏاڪڙ وڏا ٿا ڪريون. ميونسپل ادارن کي ڏسبو ته اردو ٽائون ڪميٽين تائين پهتي آهي. عدالتن جي قانون پڙهڻ توڙي انتظامي معاملات لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت صاف ظاهر هئي پر 72ع جي ٻوليءَ وارن هنگامن کان پوءِ تپيداري رڪارڊ گُم، ٻوليءَ جو تحفظ ختم.

خدا خير ڪري، ڇوڏرين جي ڇَڪن ۾ اردو اسڪول کليا ته سنڌي يونين ڪائونسل جي ٻولي نه پر ڳوناٽي ٻوليءَ جي نالي سان سڃاتي ويندي. **"سهپ"** اسان جي ثقافت جي سڃاڻپ ٿي رهي آهي. ون- يونٽ برداشت ڪيوسين عادي ٻڻجي وياسون. 73ع

جي آئين تي ڪِرچيون هنيون سون. ته اهڙي طرح سنڌي ٻولي وساري موهن جي دڙي ۽ سيالڪوٽي، ڪشميري، برهمڻ جو قسم ڪڻ جا عادي ٿي رهيا آهيون..... **هڪ ته ٻائي ڏون** جي وڏڙن وارو چوڻ وساري پٺو ازم کي لڳي ويا آهيون، جنهن جي معنيٰ سنڌ جي آخري صدي جنهن جو ٽريلر سنڌ صدين جي روپ ۾ نشانڙي طور ڏيکاريو ويو هو. ون- يونٽ جي دوران سوال، جواب جي اجازت هئي. بنيادي جمهوريت جي قانون تحت احتساب جو ڏنڊو هٿ هيو. 73ع جي آئين کان پوءِ متان وڏي پاءُ جا پُٽ نه ڪاوڙجي ڪرسيءَ تان لاهي ڇڏين. زمينون، نوڪريون، شهر، ڊوميسائيل پيا نهن پر خوش هجن. پاءُ جا پُٽ- وڏي جي اولاد جا جائز ناجائز سڀ حُڪم مڃنا آهن، نعرن ڪوڪرڻ ۾ هڪ ٻئي جون رڙيون- جيئن ٿڌ تيئن وڌ جي مصداق واتر ڪولر تي اچي پهتا سون.

**اقتصاديات:** ڳوناٺي ماحول جي چوٽي آهي ته **"جيڪو ڪُني ۾ هوندو، سوئي پاٽِ ۾ پوندو"** ۽ اهڙي طرح اسان جا نصيب جهڙي حساب سان لکيا ويا آهن، اهوئي پلئه پوندو. علائقي جي ترقي ۽ عوام جي خوشحاليءَ جو دارو مدار آمدنيءَ جي ذريعن تي آهي. سنڌ جا وسيلا تمام گهڻا آهن. تيل به سنڌ جي زمين مان نڪري پر سنڌي ماڻهو تيل جي پرسان به نه لنگهي، بدبختي نه پر غلط سوچ ۽ غلط فيصلن جو نتيجو آهي.

1975ع جي قومي مالياتي ڪميشن جي فيصلي موجب مرڪز وٽ ڪَني ٿيل رقم مان صوبن کي ڏيڍ واري رقم آدمشماريءَ جي حساب سان ڏيڻ جو فيصلو ٿيو.

مرڪز جي آمدنيءَ جو 75 سيڪڙو وصولي سنڌ مان ٿئي پر جيڪا به رقم ورهائڻ لاءِ ميسر ٿئي تنهن جو 33 سيڪڙو سنڌ کي ملي. هن سال يعني 1990ع جي حساب ۾ 30 ارب روپيا ورهائڻ لاءِ رکيا ويا- وصولي ٿئي 130 ارب- مرڪزي خرچ ڪري باقي بچت ٿي 30 ارب ۽ انهن مان 23 سيڪڙو ٿيندو ڇهه ارب 60 ڪروڙ- جڏهن ته سنڌ مان وصولي هڪ سو ارب کان مٿي. وسيلن جي مڪمل وارثي مرڪز جو اهو اصول سرحد ۽ بلوچستان سان نه آهي.

تربيلا ڊيم ۾ پاڻي سنڌو درياءَ جو پر آمدني سرحد کي. حالانڪ 45ع جي فيصلي موجب 70 سيڪڙو پاڻي سنڌ کي ملڻو هو ته ان حساب سان تربيلا ڊيم مان آمدني 70 سيڪڙو سنڌ کي ملي ها . پر سائين ذوالفقار علي ايوبي دور ۾ انڊس بيسن ٽريٽي (Indus Basin Treaty) ٺاهي جيڪو جاڳندو 1945ع جو فيصلو به پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. وري ٿئي ها ڪالاباغ ڊيم تيار ته سنڌ سڄي سَوڪ هجي ها، آئين جي پابندين ڪري سنڌ کي عدالت جو دروازو کڙڪائڻ جي حجت به نه رهي.

حالانڪ گڏيل پاڪستان ۾ سياسي فيصلي جي طاقت پنجاب وٽ ڪونه هئي. پر ايوبي مارشلائي دور ۾ پٺي صاحب جي چاندي هئي. جو ڪجهه چاهي ها اهوئي ٿئي ها . پاڻيءَ جي مسئلي تي عدالتي **سَندَ** موجود هئي، تنهنڪري آسانيءَ سان پاڻيءَ جي ورهاست طئي ٿي وڃي ها، پر 73ع جو آئين ته نئون معاهدو نهيو جنهن تحت سنڌ جا ٽيڙ ئي ٽيشن (Station) تي.

پر جيڪڏهن ون- يونٽ تحت خرچ جي اصول کي ذهن ۾ رکبو ته 30 ارب رقم جو اڌ يعني 15 ارب آدمشماري ۽ 15 ارب ضلع بنياد سان 56 ضلعن ۾ برابريءَ جي بنيادن تي ورهائجن ها ۽ مجموعي طور هڪ ارب روپيا وڌيڪ سنڌ جي حصي ۾ اچن ها . ۽ ان کان وڌيڪ دانهن ڪرڻ جي گنجائش هئي. هاڻي ته هڙ ئي وئي ۽ صرف اڌوهي ڪاڌل ڪرسيءَ خاطر جنهن جي وفا خبر سڀن کي آهي.

ڪچين آبادين جو چوبول 1972ع کان پوءِ پيدا ٿيو. هاڻي ته اسان ڳچيءَ تائين پورجي ويا آهيون. ون- يونٽ جي وقت قانون جو ساٿ سنڌ سان هيو ۽ ڏنڊي جو ساٿ پنجاب سان ۽ مهرباني بنگالين وٽ، پر آرٽيڪل 27 ۽ 15 کي ملائي پڙهڻ سان صاف ٿي ويو ته قانون جو ساٿ به پنجاب سان ٿي ويو.

ڪچين آبادين جا مسڪين 3 سال ڳچي سيني حَقن جا حقدار ٿين ٿا . زمين مفت- وڏا ولا ڏئي ناجائز قبضا ڪري سرڪار جي سهڪار سان گهر به اڏين ۽ قبضي جي سَندَ

وني ۽ پلاٽ پيا وڪڻ- شهري سهوليتن جا حقدار به اوليت جي بنياد تي. 80 ارب روپين جي زمين مفت ۾ قبضي هيٺ- ويتر نالين، گهٽين، رستا، پاڻي پهچائڻ جو خرچ، صفائي، اسپتال، اسڪول ۽ نوڪرين جي ضمانت ۽ سياسي و سماجي حَق ۽ حجتون وقت جي قانون موجب اول انهن لاءِ، سنڌ جو ماڻهو مٺي اگهاڙو، پيٽ بکيو، پنيءَ اگهاڙو وسيلن جي هوندي مسئلن ۾ ماريل، وتي ٿو.

73ع جو آئين واهه واهه- ناهڻ وارا واهه واهه- ون- يونٽ کان به وڌيڪ عذاب. تڏهن به سِر ڏنا ۽ آئيني ترميم به نه ڪيپي جا نعرا، 4 مارچ جو واقعو منهنجي موجودگيءَ ۾ ٿيو. سوين نوجوانن کي مٿي ۾ نائيون ٿيون، ڏنڊا لڳا، جيل پريا، ون- يونٽ ٽوڙ تحريڪ زور وٺي ويئي. ضلع ڪائونسل حيدرآباد ان وقت جي حاڪمن تي ٽَبرن جا ڏوڙيا ڪيڏائي چڙيا. مون کي به چوڪرن سان چوڪرو ٿيڻ جو موقعو مليو. محمد يوسف لغاري 4 مارچ جو هيرو- 73ع جي آئين سان ٿي ويو، پر هاڻي نه مٿي ۾ نائيون ڏيکارڻ کان به وتي ٿو لڪندو.

**ون- يونٽ ۾ دانهن جو حَق به هيو. چڱي ٿيڻ جو آسرو هيو، پر 73ع جي آئين کان پوءِ ڪوڪون ۽ نعري بازيءَ جي لُڙ ۾ نه ڪو ٻُڌائڻ وارو آهي ۽ نه ڪو ٻُڌڻ وارو- ادا سنڌ جي سورن ۾ اضافو ٿيو- ٻيو سڀ خير.**